جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه

جلد 17 | اڱارو 17 نومبر 2026ع بمطابق 06 جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 37

گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ پاڪستان جو نالو سنڌ حڪومت جي ڪوشش سبب شامل ٿيو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت غريب ۽ متاثر خاندانن لاءِ دنيا جو سڀ کان وڏو رهائشي منصوبو شروع ڪيو، جنهن تحت ٻوڏ متاثرن لاءِ ڏهه لک کان وڌيڪ گهر مڪمل ڪيا ويا آهن

وڌيڪ ست لک گهرن جي تعمير جو ڪم جاري آهي. اهو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن هو، جنهن کي پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت عملي جامو پارايو

عالمي بئنڪ پڻ هن منصوبي جي غيرمعمولي وسعت جو اعتراف ڪيو آهي هي ٻن ارب ڊالرن کان وڌيڪ جو منصوبو آهي ۽ ان جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته گهرن جي مالڪي جا حق عورتن کي ڏنا پيا وڃن

جيئن ڪين معاشي ۽ سماجي تحفظ حاصل ٿي سگهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش ۽ سنڌ حڪومت جي محنت سبب اڄ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ٿيو آهي

ٻوڏ متاثرن جي بحالي ۽ گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ 42 هزار 565 ڳوٺن جي تعميرِ نو واريون ڪميٽيون قائم ڪيون ويون، جن ۾ عورتن جي 42 سيڪڙو نمائندگي يقيني بڻائي وئي آهي

متاثرن کي مالي امداد سڌيءَ ريت سندن بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي پئي وڃي. سنڌ جو هائوسنگ پروگرام قدرتي آفتن کانپوءِ گهرن جي ٻيهر تعمير جو دنيا جو سڀ کان وڏو منصوبو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته گنيز بڪ آف ورلڊ رڪارڊ ۾ پاڪستان جو نالو سنڌ حڪومت جي ڪوشش سبب شامل ٿيو آهي. سنڌ حڪومت غريب ۽ متاثر خاندانن لاءِ دنيا جو سڀ کان وڏو رهائشي منصوبو شروع ڪيو جنهن تحت ٻوڏ متاثرن لاءِ ڏهه لک کان وڌيڪ گهر مڪمل ڪيا ويا آهن. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پاڪستان پرامن ۽ مستحڪم افغانستان چاهي ٿو، افغان اختيارين سيڪيورٽي جا خدشا ختم ڪن: نائب وزيراعظم

هن اهي خيال ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ جي حوالي سان ظاهر ڪيا، جنهن سبب ٻارڻ جي فراهميءَ جا اهم سامونڊي رستا، آبناءِ هرمز ۽ باب المندب، پڻ سخت متاثر ٿيا آهن

اي سي او پنهنجي ”روايتي ڪردار کان اڳتي وڌي، گڏيل عمل، مضبوط سهڪار ۽ گڏيل ڪوششن لاءِ هڪ اثرائتو پليٽ فارم بڻجي رهي آهي: عباس عراقچي

اها تبديلي ميمبر ملڪن کي ”اڀرندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ هڪ جامع ۽ منصفاڻي عالمي معاشي نظام جي قيام ۾ ڪردار ادا ڪرڻ“ جي قابل بڻائيندي

هن خطي جي فائدي لاءِ هڪ ”جديد، نئين نسل جي، وڌيڪ جامع، اثرائتي ۽ عملي واپاري معاهدي“ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو. ايران خلاف آمريڪي جنگ جو حوالو

آمريڪا هڪ مختلف رستو اختيار ڪيو، جيڪو ”جارحيت، ڌمڪين، مخصوص هدفن کي قتل ڪرڻ، معاشي دٻاءُ ۽ ناڪابنديءَ تي ٻڌل آهي، جيڪو عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي ڪليل ڀڃڪڙي آهي

پاڪستان هڪ پرامن، خوشحال ۽ مستحڪم افغانستان چاهي ٿو، پر علائقائي سهڪار ۾ بامعنيٰ اڳڀرائيءَ لاءِ ضروري آهي ته افغان اختيارين پاڙيسري ملڪن جي جائز سلامتيءَ وارن خدشن، خاص طور دهشتگرديءَ جي خطري، کي منهن ڏين

اسلام آباد (بيورو) ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سومر ڏينهن اسلام آباد ۾ اقتصادي سهڪار واري تنظيم (اي سي او) جي وزيرن جي ڪائونسل جي 30هين اجلاس کي خطاب ڪندي علائقي ۾ توانائيءَ جي هڪ قابلِ اعتماد ۽ پائيدار نظام جي ضرورت تي زور ڏنو. هن اهي خيال ايران خلاف آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ جي حوالي سان ظاهر ڪيا، جنهن سبب ٻارڻ جي فراهميءَ جا اهم سامونڊ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

شهر ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم اڳتي وڌايا ويندا: ڪرم الله وقاصي

ڪراچي (رپورٽر) ترجمان ميئر ڪراچي ڪرم الله وقاصي چيو آهي ته شهر قائد ۾ رهندڙن جي واڌاري، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ممتاز عالم دين مولانا نذر الرحمان 97 ورهين جي عمر ۾ انتقال ڪري ويو

لاهور (م د) تبليغي جماعت پاڪستان جي امير ۽ ممتاز عالم دين مولانا نذر الرحمان 97 ورهين ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

برداشت، احترام ۽ رواداري هڪ مضبوط ۽ پُرامن سماج جو بنياد آهن: مراد علي شاهه

سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي هميشه محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويو آهي

هيءَ سرزمين شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ لعل شهباز قلندر جي امن ۽ محبت جي پيغام جي امين آهي

ڪراچي (رپورٽر) وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

صوبن تاريخ ۾ پهريون وفاق کي 57 ارب 46 ڪروڙ مالي مدد ڏني

هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن دوران آئين جي آرٽيڪل 164 تحت اها مالي مدد ڏني وئي

آرٽيڪل 164 اين ايف سي ايوارڊ کان الڳ آهي، جنهن تحت وفاق ۽ صوبا ڪنهن به قومي مقصد لاءِ هڪ ٻئي کي مالي مدد ڏئي سگهن ٿا

هاڻوڪي بجيٽ ۾ صوبن طرفان وفاق کي هڪ هزار 35 ارب رپين جي مالي مدد ڏيڻ جو ٽاهه ٿيو هو

اسلام آباد (بيورو) ملڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو صوبن وفاق کي 57 ارب 46 ڪروڙ رپين جي مالي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

30th ECO COUNCIL OF MINISTERS 2026
REVIVING REGIONALISM FOR A RESILIENT ECO
ISLAMABAD · PAKISTAN
اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اي سي او جي اجلاس کي خطاب ڪندي

جيڪڏهن ڪنهن ۾ اخلاقي جرئت آهي ته هو استعفيٰ ڏئي ڇڏي: لطيف کوسه

منظور نظر اهي هوندا آهن جيڪي ميڊيا تي ايندا رهندا آهن، مان ته ميڊيا تي ناهيان ايندو

گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي حد تائين پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ اسان جي ڪيسن تي ٻڌڻي نه ٿيندي

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي سينيئر اڳواڻ سردار لطيف کوسه سلمان اڪرم راجه جي من پسند ماڻهن سان ملاقاتن واري /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

گڏيل قومن تحت 15 نومبر 2026ع تي متاثرين ٽريفڪ حادثن جو عالمي يادگار ڏينهن ملهايو ويو

پنگريو (م د) دنيا ۾ هر سال لڳ ڀڳ 11 لک 60 هزار ماڻهو ٽريفڪ حادثن ۾ فوت ٿين ٿا جڏهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ايڇ اي سي انجنيئرنگ جي نصاب کي ايندڙ 20 سالن جي ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي قابل بڻائي: وفاقي وزير

پاڪستان قائم ٿيڻ جي وقت ملڪ جي هر شعبي کي گهٽ وسيلن سبب مشڪلاتون درپيش هيون

اسان جي انجنيئرز ئي روڊ انفراسٽرڪچر، آبي وسيلن، توانائي سميت هر شعبي ۾ بي شمار خدمتن ذريعي ملڪ جي خدمت ڪئي

لاهور (م د) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته ملڪ ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: وفاقي وزير محمد اورنگزيب اجلاس جي صدارت ڪندي

ايشيائي ترقياتي بئنڪ پاران آبي وسيلن ۽ ڊجيٽل معيشت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 13 ارب ڊالر متحرڪ ڪرڻ جو اعلان

جيڪو 49هين آسيان سربراهي اجلاس ۽ ان سان لاڳاپيل اجلاسن جي موقعي تي منعقد ٿيو

ان موقعي تي هن آسيان سان 5 سالن جي مفاهمت جي نئين ياداشت تي به صحيحون ڪيون

اسلام آباد (بيورو) ايشيائي ترقياتي بئنڪ (اي ڊي بي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

مون کي برين هيمرج، دل دوري جو خطرو آهي، انصاف ڪريو نه ته دير ٿي ويندي: خان جو خط

مان جج صاحبان کان وڌيڪ رعايت نه گهري رهيو آهيان

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪ انصاف جي باني عمران خان چيف جسٽس جي نالي لکيل خط ۾ چيو آهي ته مون کي انصاف ڏيو، انهي ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سان اڳوڻو وزيراعلي قائم علي شاهه ملاقات ڪندي

پاڪستان تباهه ڪندڙ ٻوڏن، سخت گرمي، ڏڪار ۽ سامونڊي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي: مراد علي شاهه

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گڏيل قومن جي ايڪٽيهين موسمياتي تبديليءَ بابت ڪانفرنس (COP31) ۾ صوبائي حڪومت جي موسمياتي تبديلي جي جامع حڪمتِ عملي پيش ڪئي

جنهن ۾ آفتن کان پوءِ بحالي، موسمياتي اثرن کان محفوظ گهرن جي تعمير، پاڻيءَ جي بچت، قابلِ تجديد توانائي، ماحولياتي تحفظ ۽ پائيدار ترقيءَ جي عملي قدمن کي اجاگر ڪيو ويو

ترقي پذير ملڪ، عالمي گيسن جي خارج ٿيڻ ۾ سڀ کان گهٽ حصو وجهڻ جي باوجود، موسمياتي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو بار کڻي رهيا آهن

انطاليا، ترڪي (م د) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه گڏيل قومن جي ايڪٽيهين موسمياتي تبديليءَ بابت ڪانفرنس (COP31) ۾ صوبائي حڪومت جي موسمياتي تبديلي جي جامع حڪمتِ عملي پيش ڪئي آهي جنهن ۾ آفتن کان پوءِ بحالي، موسمياتي اثرن کان محفوظ گهرن جي تعمير، پاڻيءَ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

ميرٽ ۽ شفافيت تي ٺاهه نه ٿيندو، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن 3 آفيسرن کي برطرف ڪري ڇڏيو

ٽن آفيسرن کي نوڪرين مان برطرف ۽ هڪ ملازم جون ٻه ساليانيون (انڪريمنٽس) روڪڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو

اها ڪارروائي ڪميشن جي چيئرمين رضوان احمد پاران شروع ڪيل جامع احتسابي مهم جو حصو قرار ڏني وئي

ڪميشن جي چيئرمين رضوان احمد جون 2026ع ۾ ذميواريون سنڀالڻ کانپوءِ اداري ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ عوامي اعتماد جي بحاليءَ کي پنهنجي اولين ترجيح بڻايو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن (ايس پي ايس سي) ۾ ڀرتين واري عمل جي شفافيت، ميرٽ ۽ اداري جي ساک کي نقصان پهچائڻ وارين مبينا بي ضابطگين خلاف سخت قدم کڻندي ٽن آفيسرن کي نوڪرين مان برطرف ۽/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو سان شهري ملاقات ڪندي

صوبائي وزير پاران صنعتي ترقيءَ جي فروغ لاءِ اثرائتا قدم کڻڻ جون هدايتون

انهن جا مسئلا ۽ ڏکيائون ٻڌيون ۽ لاڳاپيل اختيارين کي انهن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون

عوام کي درپيش مسئلن جو بروقت ازالو ڪرڻ ۽ کين رليف فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي

عوامي شڪايتن تي فوري ڌيان ڏنو وڃي ۽ سرڪاري معاملن جي انجامڏهيءَ ۾ ٿيندڙ دير ۽ غير ضروري رڪاوٽن کي ختم ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) صنعت ۽ واپار واري صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو اڄ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ پنهنجي آفيس ۾ هڪ مصروف ڏينهن گذاريو، جتي هن مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪيون. انهن جا مسئلا ۽ ڏکيائون ٻڌيو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

پيپلز پارٽي ڪراچي جي ماڻهن جا حق ڪسي وٺڻ جو ٺيڪو کنيو آهي: علي خورشيدي

شهر جا ڊوميسائل مبينا طور تي ڪجهه پئسن عيوض وڪرو ڪيا پيا وڃن ۽ جعلي ڊوميسائل ذريعي ڪراچي جي شاگردن جي سيٽن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي

آباد جا نمائندا زمينن تي قبضن ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) ۾ مبينا ڀتي خوري جون شڪايتون ڪن ٿا

پر سنڌ حڪومت جا وزير انهن مسئلن تي سنجيدگي ڏيکارڻ بدران سخت رويو اختيار ڪن ٿا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر ۽ متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ علي خورشيدي الزام لڳايو آهي ته پيپلز پارٽي ڪراچي جي ماڻهن جا حق ڪسي وٺڻ جو ٺيڪو کنيو آهي، شهر جا ڊوميسائل مبينا طور تي ڪجهه پئسن عيوض وڪرو ڪيا پيا وڃن ۽ جعلي ڊوميسائل ذريعي ڪراچي جي شاگردن جي سيٽن تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي سنڌ اسيمبلي ۾ مي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

اسماعيل راهو جو اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جي پريس ڪانفرنس تي سخت ردعمل

علي خورشيدي ڪوڙيون دعوائون ڪري عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي: اسماعيل راهو

سنڌ جون سموريون يونيورسٽيون حڪومت لاءِ هڪ جيتري اهميت رکن ٿيون ۽ ڪنهن به هڪ شهر يا علائقي کي ترجيح نٿي ڏني وڃي

سنڌ جا سمورا ڊويزن ۽ ضلعا برابر آهن ۽ ڪنهن به علائقي سان امتيازي سلوڪ نٿو ڪيو وڃي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي يونيورسٽين واري وزير محمد اسماعيل راهو اپوزيشن ليڊر علي خورشيدي جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته علي خورشيدي ڪوڙيون دعوائون ڪري عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پنجاب ۾ مڪاني چونڊون، خدشن باوجود حصو وٺڻ جو اعلان

مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي اسلام آباد جي مڪاني چونڊن جي ميدان کان پڇي ويون آهن

صوبن ۽ انتظامي يونٽس ۾ اضافي جو مطالبو غير جمهوري يا غير آئيني نه آهي

لاهور (م د) جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ چيو آهي ته جماعت اسلامي پنجاب جي مڪاني چونڊن ۾ پنهنجن خدشن جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

ڌمڪائڻ جون ڪوششون مون کي خاموش نٿيون ڪري سگهن: چوڌري سالڪ حسين

مريم نواز ۽ پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري کي به هتڪ عزت جا قانوني نوٽيس به اماڻي ڇڏيا

تڪرار جي شروعات 2 نومبر تي چوڌري سالڪ حسين جي نجي چينل کي ڏنل انٽرويو سان ٿيو هو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي وزير چوڌري سالڪ حسين پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز جي 5 ارب رپيه هرجاڻي واري قانوني نوٽيس جو لڪٽ ۾ ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

صوبن ۽ يونٽن سان 1991ع وارو پاڻي ٺاهه ختم ٿي ويندو: زين شاهه

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي آبادگار فورم طرفان ”سنڌ جي زراعت، ماحوليات ۽ چيلينجز“ جي سري هيٺ سيمينار ڪوٺايو ويو

نون صوبن، انتظامي يونٽن ۽ اڪنامڪ زون ۽ گرين پاڪستان جو نعرو بنيادي طور 1991ع وارو پاڻي ٺاهه ختم ڪرڻ لاءِ آهي

چاڪاڻ ته پاڻي 4 صوبن جو گڏيل حصو آهي، جيڪڏهن عوام ان جي مخالفت نه ڪئي ته انڊس ڊيلٽا تباهه ٿي ويندي

جنهن سان نه رڳو انسانن، پر سموري وڻراهه، جيت جڻيا ۽ سموري ماحوليات ختم ٿي ويندي

ميرپورخاص (رپورٽر) ميرپورخاص ۾ ايس يو پي جي آبادگار فورم طرفان زراعت ۽ ماحوليات بابت سيمينار، سيد زين شاهه چيو آهي ته نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن سان 1991ع وارو پاڻي ٺاهه ختم ٿي ويندو، جنهن سان سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

پاڪستان اڄ دنيا ۾ امن جي داعي ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو: رانا ثناءُالله

پاڪستان اڄ دنيا ۾ امن جي داعي ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو تحفظِ حرمين شريفين ۽ استحڪامِ پاڪستان ڪانفرنس کي خطاب

وزيراعظم ۽ عسڪري قيادت پاڪستان جو مثبت تاثر اجاگر ڪيو آهي، جنهن بعد پاڪستان کي عالمي سطح تي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو پيو وڃي

تحفظِ حرمين شريفين لاءِ پوري قوم متحد آهي، مڪه معاهدو حرمين شريفين ۽ پاڪستان جي گڏيل دفاع جي علامت آهي

وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل پاڪستان جو پُرامن تاثر اجاگر ڪيو آهي ۽ دنيا اها ڳالهه مڃي آهي ته پاڪستان امن جو داعي ملڪ آهي: سردار محمد يوسف

لاهور (م د) وزيراعظم شهباز شريف جي صلاحڪار رانا ثناءُالله چيو آهي ته پاڪستان جون سفارتي ڪاميابيون باعثِ فخر آهن. پاڪستان اڄ دنيا ۾ امن جي داعي ملڪ طور سڃاتو وڃي ٿو تحفظِ حرمين شريفين ۽ استحڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

ڪفايت شعاري باوجود وفاق جي خرچن ۾ واڌ

موجوده مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران وفاقي حڪومت جي هلائڻ سان لاڳاپيل خرچن ۾ نمايان اضافو ڏٺو ويو

انهن خرچن ۾ روزاني آپريشنل خرچ، پگهارون، ۽ وفاقي وزارتن، ڊويزنن توڙي ادارن جا انتظامي خرچ شامل آهن

اسلام آباد (بيورو) بچت جي قدمن جي باوجود، موجوده مالي سال جي پهرين ٽه ماهي دوران وفاقي حڪومت جي انتظامي معاملن جي هلائڻ جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

مديني منوره کان لاهور ايندڙ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز جي اڏام جي ڪراچي ايئرپورٽ تي هنگامي لينڊنگ

ڪراچي (رپورٽر) مديني منوره کان لاهور ايندڙ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) جي اڏام ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان امير جماعت اسلامي ڪراچي منعم ظفر خان وفد سميت ملاقات ڪندي

باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي سان جيل ملاقات کانپوءِ وڏي اڳڀرائي سامهون اچي وئي

اسلام آباد (بيورو) باني پي ٽي آءِ ۽ بشريٰ بي بي سان جيل ملاقات کانپوءِ وڏي اڳڀرائي سامهون اچي وئي، بشريٰ بي بي کي علاج لاءِ اسپتا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ٽري ايم پي او تحت گرفتارين بابت اسٽي ۾ ترميم

چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان ۽ جسٽس عامر فاروق تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت پي ٽي آءِ جي درخواست منظور ڪندي 5 نومبر واري حڪم امتناع ۾ ترميم ڪئي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي آئيني عدالت خيبرپختونخوا ۾ ٿري ايم پي او تحت گرفتارين واري معاملي تي پنهنجي اڳوڻي حڪم امتناع ۾ ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

حيدرآباد ۾ نوجوان هٿان ناري قتل، جوابدار پاڻ به زخمي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد جي زيل پاڪ ڪالوني ۾ فائرنگ جي واقعي ۾ شبانه خان نالي ن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني اجلاس جي صدارت ڪندي

ٿرپارڪر: موٽرسائيڪلن سان ٽڪرائجڻ بعد ٽرالر اونڌو، هڪ ڄڻو فوت

ٿرپارڪر (رپورٽر) سنڌ جي ضلعي ٿرپارڪر ۾ موٽرسائيڪلن سان ٽڪرائجڻ بعد ٽرالر اونڌو ٿي پ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

گهريلو ملازمه فوت ٿيڻ وارو ڪيس، جوابدارن جو رمانڊ منظور

ٻارن کي ديني تعليم ڏيندڙ قاري کي عدالت 4 ڏينهن جي جسماني رمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

ٻه ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ گهر ۾ ڪم ڪندڙ 13 ورهين جي فاطمه مبينا گهريلو تشدد سبب فوت ٿي وئي هئي

اسلام آباد (بيورو) 13 ورهين جي گهريلو ملازماڻي فاطمه جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ گرفتار اعليٰ پوليس آفيسر جي گهرواري ۽ سندس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

حڪومتي معاشي پاليسين، برآمدي شعبي جي حوصلا افزائي ۽ اقتصادي سڌارن تحت پاڪستان جي برآمدن ۾ نمايان واڌ رڪارڊ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) حڪومتي معاشي پاليسين، برآمدي شعبي جي حوصلا افزائي ۽ اقتصادي سڌارن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪسٽم جي ڪارروائي، ايراني اسمگل تيل پيٽرول، ڊيزل هٿ

گلبائي پل تي ايراني پيٽرول ۽ ڊيزل سان ڀريل 2 ٽينڪرز کي روڪي لاڳاپيل دستاويزات طلب ڪيا

پر ٽينڪرز جو عملو دستاويزات فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو

ڪراچي (رپورٽ) پاڪستان جي ڪسٽمز انفورسمينٽ ڪراچي ڪارروائي ڪندي ايراني اسمگل تيل 39 هزار 550 ليٽر پيٽرول ۽ ڊيزل هٿ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

ڊسمبر ۾ نون صوبن جي قيام بابت ريفرنڊم جي ڳالهه اڳتي وڌي سگهي ٿي: مصطفيٰ ڪمال

تنهن هوندي به هن واضح ڪيو ته هن کي ڪنهن طرفان باضابطه طور تي ڊسمبر جي تاريخ يا شيڊول بابت آگاهه نه ڪيو ويو آهي

ماضي ۾ جڏهن به ايم ڪيو ايم نون صوبن جي ڳالهه ڪئي ته پيپلز پارٽي مخالفت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) وفاقي وزير صحت ۽ متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال استعفيٰ جي مطالبي تي ردعمل ڏيندي چيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

سنڌ جي مشهور بزرگ سخي جام ڏاتار جو ٽن ڏينهن وارو 755 هون ساليانو عرس مبارڪ جام صاحب شهر ۾ شروع

نوابشاهه (رپورٽر) نوابشاهه جي ويجهو جام صاحب شهر ۾ سنڌ جي معروف صوفي بزرگ حضر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي ۾ دهشتگردي جو وڏو منصوبو ناڪام، 2 ڄڻا گرفتار

پابندي مڙهيل تنظيم ”سنڌو ديش لبريشن آرمي“ (SLA) جي ٻن اهم مبينا ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو

اختيارين سندن قبضي مان استعمال لاءِ تيار هڪ آءِ اي ڊي – (IED) ديسي ساخت جو بم) ۽ هٿ گرينيڊ هٿ ڪيا آهن

گرفتار ٿيل ماڻهن جي سڃاڻپ مدد علي (عرف علي) پٽ علي اڪبر ۽ جنيد علي عباسي پٽ امان الله عباسي طور ٿي آهي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ دهشتگردي جي هڪ وڏي منصوبي کي ناڪام بڻايو ويو آهي. هڪ وفاقي انٽيليجنس ايجنسي سان گڏيل آپريشن دوران، ڪائونٽر ٽيررزم ڊپارٽمينٽ (CTD) ڪراچي، پابندي مڙهيل تنظيم ”سنڌو ديش لبريش/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

اسلام آباد: وفاقي وزير عبدالعليم خان کي ترقياتي منصوبي بابت بريف ڪيو پيو وڃي

سانحي گل پلازه ڪيس ۾ عدالت جوابدار امين جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري

سٽي ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوابدار تنوير پاستا، رمضان، حذيفه ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا

جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا، تنهن هوندي به هو گرفتار نه ٿي سگهيو

عدالت رپورٽ جو جائزو وٺڻ کانپوءِ جوابدار امين جا ناقابل ضمانت وارنٽ گرفتاري جاري ڪيا

ڪراچي (رپورٽر) سانحي گل پلازه ڪيس ۾ عدالت جوابدار امين جا ناقابل ضمانت وارنٽ گرفتاري جاري ڪندي ڪيس اشتهاري قرار ڏيڻ جي ڪارروائي شروع ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي سٽي ڪورٽ ۾ ڪيس جي ٻڌڻي دوران جوابدا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

اڱارو 17 نومبر 2026 ع بمطابق 06 جمادي الثاني 1448 ھ

انتظامي تجربن بدران عوامي مسئلا حل ڪريو

اسلام آباد کي خاص انتظامي حيثيت ڏيڻ لاءِ تياريون مڪمل ٿيڻ، ميئر کي انتظامي سربراهه بڻائڻ، چونڊيل ميمبرن جو انگ 25 کان 30 رکڻ ۽ وفاقي گاديءَ واري هنڌ جون جاگرافيائي حدون وڌائڻ بابت سامهون آيل خبرن ملڪ ۾ نئين انتظامي ورهاست ۽ نون انتظامي يونٽن جي بحث کي هڪ ڀيرو ٻيهر اهم بڻائي ڇڏيو آهي. سرڪاري ذريعن موجب هري پور، راولپنڊي جي ڪجهه علائقن ۽ مري جي تڪ اين اي 51 سان لاڳاپيل علائقن کي اسلام آباد جي انتظامي ڍانچي ۾ شامل ڪرڻ جون تجويزون غور هيٺ آهن. جيتوڻيڪ انهن تجويزن جي حتمي منظوري ۽ آئيني حيثيت بابت اڃا وڌيڪ وضاحت جي ضرورت آهي، پر اهڙين خبرن جو سامهون اچڻ ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ ۾ انتظامي ڍانچي جي تبديليءَ بابت مختلف سطح تي غور جاري آهي. سوال اهو آهي ته ڇا ملڪ جي حقيقي مسئلن جو حل نوان انتظامي يونٽ ٺاهڻ يا شهرن جون حدون تبديل ڪرڻ ۾ آهي، يا موجوده انتظامي نظام کي عوام جي ضرورتن مطابق بهتر بڻائڻ ۾؟ پاڪستان هن وقت معاشي، سياسي ۽ سماجي بحرانن جي هڪ اهڙي دور مان گذري رهيو آهي، جتي عام ماڻهوءَ لاءِ زندگي گذارڻ ڏينهون ڏينهن ڏکيو ٿيندو پيو وڃي. مهانگائي، بيروزگاري، بجلي ۽ گئس جا وڌندڙ بل، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ، ڳاٽي ٽوڙ ٽيڪسن، تعليم ۽ صحت جي سهولتن جي کوٽ ۽ عام ماڻهن جي آمدنيءَ ۾ گهٽتائي اهڙا مسئلا آهن، جن عوام جي زندگيءَ کي سخت متاثر ڪيو آهي. ملڪ جو وڏو حصو غربت، قرضن ۽ معاشي بي يقينيءَ جي ور چڙهيل آهي. جڏهن ته حڪومتن جي ترجيحن بابت به عوام ۾ مسلسل سوال پيدا ٿي رهيا آهن. اهڙي صورتحال ۾ انتظامي حدن جي تبديلي، نون يونٽن جي قيام ۽ گاديءَ واري شهر جي حيثيت ۾ واڌارن بابت بحث تڏهن ئي فائديمند ٿي سگهي ٿو جڏهن ان جو سڌو سنئون تعلق عوامي سهولتن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ بهتر حڪمرانيءَ سان هجي.

اسلام آباد کي خاص انتظامي حيثيت ڏيڻ جي تجويز کي رڳو هڪ انتظامي معاملو سمجهي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ ته ان ۾ ٻين صوبن جي علائقن کي وفاقي گاديءَ واري انتظامي ڍانچي ۾ شامل ڪرڻ جو پهلو پڻ موجود آهي. هري پور خيبرپختونخوا جو ضلعو آهي، جڏهن ته راولپنڊي ۽ مري پنجاب سان تعلق رکن ٿا. انهن علائقن جي انتظامي حدن ۾ تبديليءَ بابت ڪنهن به تجويز کي لاڳاپيل صوبن جي آئيني اختيارن، چونڊيل نمائندن جي راءِ، مقامي آباديءَ جي خواهشن ۽ عوامي مفادن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ ضروري آهي. رڳو انتظامي سهولت يا حڪومتي ضرورت جي بنياد تي ڪنهن علائقي جي جاگرافيائي ۽ انتظامي حيثيت تبديل ڪرڻ سان ڪيترائي آئيني، سياسي ۽ سماجي سوال جنم وٺي سگهن ٿا. ان ڪري اهڙن معاملن ۾ شفافيت، قانوني وضاحت ۽ عوامي مشاورت بنيادي اهميت رکن ٿا.

ملڪ ۾ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث ڪو نئون ناهي. مختلف وقتن تي آباديءَ ۾ واڌ، انتظامي سهولتن جي کوٽ، وسيلن جي ورڇ ۽ حڪمرانيءَ جي بهتريءَ کي بنياد بڻائي نوان صوبا يا انتظامي يونٽ ٺاهڻ جون تجويزون سامهون ايندڙيون رهيون آهن. پر پاڪستان جو آئين صوبن جي حدن ۾ تبديليءَ لاءِ واضح طريقيڪار مقرر ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 239(4) تحت ڪنهن صوبي جي حدن ۾ تبديليءَ واري آئيني ترميم لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي ٻن ڀاڱي ٽن اڪثريت سان منظوري لازمي آهي. ان جو مطلب آهي ته وفاقي يا صوبائي انتظاميا پنهنجي مرضيءَ سان ڪنهن صوبي جي علائقي کي ٻئي انتظامي ڍانچي ۾ شامل نٿي ڪري سگهي. آئيني اختيارن، صوبائي خودمختياري ۽ عوامي نمائندگيءَ جو احترام هر اهڙي عمل لاءِ لازمي آهي.

سنڌ جي حوالي سان نون صوبن ۽ انتظامي ورهاست جو معاملو وڌيڪ حساس آهي. سنڌ رڳو هڪ انتظامي حد يا جاگرافيائي خطي جو نالو ناهي، پر اها پنهنجي تاريخ، ٻولي، ثقافت، تهذيب، سياسي سڃاڻپ ۽ آئيني حيثيت رکندڙ هڪ تاريخي وحدت آهي. سنڌ ۾ جڏهن به نون صوبن، انتظامي ورهاست يا سنڌ جي وحدت بابت سوال اٿاريو وڃي ٿو ته ان جو ردعمل رڳو سياسي نه، پر سماجي ۽ تاريخي پسمنظر سان پڻ جڙيل هوندو آهي. سنڌ جي مختلف سياسي، قومپرست ۽ سماجي ڌرين جو موقف رهيو آهي ته سنڌ جي وحدت ۽ صوبائي خودمختياريءَ کي ڪنهن به انتظامي تجربي جي نالي تي متاثر نه ڪيو وڃي. ٻئي طرف ملڪ جي ٻين علائقن ۾ به انتظامي سهولتن ۽ مقامي نمائندگيءَ بابت پنهنجا مطالبا موجود آهن. انهن سڀني ڳالهين کي سمجهڻ لاءِ ضروري آهي ته انتظامي سڌارن ۽ صوبائي حدن جي تبديليءَ کي هڪ ئي شيءِ نه سمجهيو وڃي.

جيڪڏهن حڪومت جو مقصد عوام کي بهتر انتظامي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي ته ان لاءِ نوان صوبا ٺاهڻ يا صوبن جي حدن ۾ تبديلي آڻڻ کانسواءِ به ڪيترائي رستا موجود آهن. مقامي حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ، ميونسپل ادارن کي مالي وسيلا فراهم ڪرڻ، ضلعي ۽ تعلقي سطح تي انتظاميا کي جوابده بڻائڻ، پوليس ۽ روينيو نظام ۾ سڌارا آڻڻ، صحت ۽ تعليم جي ادارن کي فعال ڪرڻ ۽ ترقياتي بجيٽ جي منصفاڻي ورڇ سان عوام جا ڪيترائي مسئلا حل ڪري سگهجن ٿا. پاڪستان ۾ مقامي حڪومتن جو نظام گهڻو ڪري سياسي ۽ انتظامي مداخلت، محدود اختيارن ۽ مالي وسيلن جي کوٽ جو شڪار رهيو آهي. جيڪڏهن ميئرن، ضلعي ڪائونسلن ۽ مڪاني نمائندن کي حقيقي اختيار ڏنا وڃن ته عوام کي پنهنجن بنيادي مسئلن جي حل لاءِ صوبائي يا وفاقي گاديءَ جا چڪر ڪاٽڻ جي ضرورت گهٽجي سگهي ٿي.

حڪومت کي اهو به واضح ڪرڻ گهرجي ته اسلام آباد جي حدن ۾ واڌ ۽ ٻين صوبن جي علائقن کي وفاقي انتظام هيٺ آڻڻ سان مقامي آباديءَ کي ڪهڙا فائدا ملندا؟ ڇا انهن علائقن ۾ صحت، تعليم، پاڻي، بجلي، روڊن ۽ روزگار جون سهولتون بهتر ٿينديون؟ ڇا مقامي ماڻهن جي ملڪيتن، زمينن، چونڊيل نمائندگي، ٽيڪسن ۽ انتظامي حقن بابت واضح پاليسي موجود آهي؟ ڇا لاڳاپيل صوبائي حڪومتن ۽ اسيمبلين سان مشاورت ڪئي وئي آهي؟ اهي سوال ڪنهن به انتظامي منصوبي جي بنيادي حيثيت رکن ٿا. رڳو ميئر، چونڊيل ميمبرن ۽ نئين انتظامي ڍانچي جو اعلان ڪرڻ سان عوام جا مسئلا حل نٿا ٿي سگهن، جيستائين اختيارن، ذميوارين ۽ مالي وسيلن جي ورڇ بابت واضح نظام موجود نه هجي.

ملڪ ۾ هڪ طرف نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن بابت بحث جاري آهي ته ٻئي طرف صوبن کي پنهنجن آئيني ۽ انتظامي اختيارن جي مڪمل استعمال ۾ مختلف مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. ارڙهين آئيني ترميم ڪانپوءِ صوبائي خودمختياريءَ جو جيڪو تصور سامهون آيو، ان جو بنيادي مقصد اختيارن کي وفاق کان صوبن ڏانهن منتقل ڪرڻ ۽ مقامي ضرورتن مطابق فيصلا ڪرڻ هو. پر جيڪڏهن صوبن جي خودمختياريءَ کي مضبوط ڪرڻ بدران انتظامي ۽ سياسي تڪرارن ۾ الجهايو ويندو ته ان سان وفاقي نظام بابت بي اعتمادي وڌڻ جا خدشا پيدا ٿي سگهن ٿا. وفاق جي مضبوطيءَ جو دارومدار صوبن جي حقن، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ سڀني وحدتن جي برابريءَ واري حيثيت تي آهي، نه ڪي رڳو نون انتظامي نقشن جي تياريءَ تي.

سنڌ سميت ملڪ جي ٻين صوبن ۾ به عوام جا بنيادي مسئلا ساڳيا آهن. ڪٿي پيئڻ جي صاف پاڻيءَ جي کوٽ آهي، ڪٿي سرڪاري اسپتالن ۾ دوائون ناهن، ڪٿي اسڪولن ۾ استاد ۽ بنيادي سهولتون موجود ناهن. ڪٿي آبادگار پاڻيءَ جي کوٽ ۽ زرعي خرچن جي بار هيٺ دٻيل آهن، ته ڪٿي نوجوان ڊگريون حاصل ڪرڻ باوجود روزگار لاءِ دربدر آهن. شهرن ۾ گندگي، ٽٽل روڊ، نيڪال جو ناقص نظام ۽ ٽرانسپورٽ جا مسئلا عوام جي روزاني زندگيءَ کي متاثر ڪري رهيا آهن. اهڙي ماحول ۾ حڪومتن کان اها اميد ڪئي وڃي ٿي ته اهي انتظامي تبديليءَ جي بحث سان گڏ عوام جي انهن مسئلن تي به عملي ڌيان ڏين، جيڪي سالن کان حل طلب آهن.

ملڪ کي هن وقت اهڙي حڪمرانيءَ جي ضرورت آهي، جيڪا عوام کي وڌيڪ بااختيار بڻائي، ادارن کي جوابده ڪري، صوبائي خودمختياريءَ جو احترام ڪري ۽ وسيلن جي ورڇ ۾ انصاف کي يقيني بڻائي. انتظامي سڌارا جيڪڏهن عوامي ڀلائيءَ، مقامي نمائندگي ۽ بهتر سهولتن لاءِ ڪيا وڃن ته انهن تي سنجيده بحث ٿي سگهي ٿو، پر ڪنهن به تبديليءَ جو بنياد سياسي مفادن بدران آئين، عوامي رضامندي ۽ وفاقي اصولن تي هئڻ گهرجي. اسلام آباد کي خاص انتظامي حيثيت ڏيڻ بابت سامهون آيل تجويزن تي به حڪومت کي مڪمل تفصيل عوام آڏو رکڻ گهرجن ته جيئن ملڪ ۾ غيرضروري شڪ شبها پيدا نه ٿين.

حڪمرانن کي سمجهڻ گهرجي ته عوام کي نون انتظامي نقشن کان وڌيڪ مهانگائيءَ ۾ گهٽتائي، روزگار جا موقعا، سستي بجلي، بهتر تعليم، معياري صحت ۽ بنيادي سهولتون گهرجن. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ اعتماد، آئيني حدن جو احترام ۽ عوامي نمائندگيءَ کانسواءِ انتظامي تبديليون پائيدار نتيجا نٿيون ڏئي سگهن. ملڪ جي اصل ترقي تڏهن ممڪن ٿيندي، جڏهن حڪمران انتظامي ڍانچي جي تبديليءَ سان گڏ عوام جي زندگيءَ ۾ به حقيقي تبديلي آڻيندا. تنهن ڪري وقت جي اهم ضرورت اها آهي ته انتظامي تجربن ۽ سياسي بحثن کان اڳتي وڌي عوام جي معاشي بدحالي، حقن ۽ روزمره مسئلن کي حڪومتي ترجيحن ۾ پهرين نمبر ڏنو وڃي.

شهيدن جون قربانيون، امن جي قيام جو عزم

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان جي تاريخ قربانين، جدوجهد ۽ وطن سان محبت جي جذبن سان ڀريل آهي. هن ملڪ جي سلامتي، خودمختياري ۽ امن لاءِ هزارين بهادر جوانن پنهنجون جانيون قربان ڪيون آهن. اڄ به جڏهن ملڪ جي مختلف علائقن ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا سامهون اچن ٿا ته سيڪيورٽي فورسز جا جوان پنهنجي جانن جي پرواهه ڪرڻ کانسواءِ ملڪ جي دفاع لاءِ ميدان ۾ موجود آهن. وزيراعظم شهباز شريف جو اهو اعلان ته ٻاهرين سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن پوري طاقت سان جاري رهندا، ان ڳالهه جو اظهار آهي ته ملڪ جي سلامتي ۽ عوام جي تحفظ تي ڪوبه ٺاهه نه ڪيو ويندو.

دهشتگردي پاڪستان لاءِ ڪو نئون مسئلو ناهي. گذريل ڪيترن ئي سالن کان ملڪ مختلف صورتن ۾ هن خطري کي منهن ڏئي رهيو آهي. ڪڏهن فوجي قافلن کي نشانو بڻايو ويو، ڪڏهن پوليس اهلڪارن تي حملا ڪيا ويا، ته ڪڏهن عام شهرين ۽ معصوم ٻارن کي دهشتگرديءَ جو شڪار بڻايو ويو. هر اهڙي واقعي سان نه رڳو خاندانن جون خوشيون اجڙي ويون، پر ملڪ جي معاشي ۽ سماجي زندگي پڻ متاثر ٿي. انهن ڏکين حالتن باوجود پاڪستاني قوم همت نه هاري ۽ پنهنجي ادارن سان گڏجي امن جي بحاليءَ لاءِ جدوجهد جاري رکي.

پاڪستان جي فوج، پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون قربانيون تاريخ جو اهم حصو آهن. ڪيترن ئي بهادر جوانن پنهنجن گهرن، ٻارن ۽ خاندانن کان پري رهي ملڪ جي حفاظت ڪئي ۽ ڪيترن ئي پنهنجي زندگي وطن جي نالي ڪري ڇڏي. ڪنهن شهيد جي ماءُ پنهنجي پٽ جي واپسيءَ جو انتظار ڪندي رهي، ڪنهن جي زال پنهنجي زندگيءَ جو سهارو وڃائي ويٺي ۽ ڪنهن جا ٻار پنهنجي پيءُ جي شفقت کان محروم ٿي ويا. اهي قربانيون رڳو انگن اکرن ۾ بيان نٿيون ڪري سگهجن، ڇاڪاڻ ته هر شهيد جي پويان هڪ خاندان جي درد ۽ قربانيءَ جي مڪمل ڪهاڻي موجود آهي.

تازن ڏينهن ۾ بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جي مختلف علائقن ۾ سيڪيورٽي فورسز پاران دهشتگردن خلاف ڪارروايون ڪيون ويون آهن. سرڪاري اطلاعن موجب انهن ڪارروائين دوران ڪيترائي دهشتگرد مارجي ويا، جڏهن ته ڪجهه بهادر اهلڪارن پڻ شهادت ماڻي. اهڙن واقعن ڪانپوءِ وزيراعظم شهباز شريف شهيدن کي خراج عقيدت پيش ڪندي واضح ڪيو ته دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن جاري رهندا. حڪومت جو اهو موقف ان ڳالهه کي ظاهر ڪري ٿو ته ملڪ ۾ امن جي قيام لاءِ جاري ڪوشش کي روڪڻ بدران وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ جي ضرورت آهي.

پاڪستان جو موقف رهيو آهي ته ملڪ ۾ ٿيندڙ ڪجهه دهشتگرد ڪارروائين پٺيان ٻاهرين سرپرستي ۽ مالي سهڪار موجود آهي. حڪومت مختلف موقعن تي ڪجهه ٻاهرين عنصرن تي اهڙا الزام لڳائيندي رهي آهي. انهن معاملن ۾ ضروري آهي ته هر الزام کي مضبوط ثبوتن سان گڏ عالمي برادريءَ آڏو پيش ڪيو وڃي. جيڪڏهن ڪنهن به ملڪ يا ڌرجي سرزمين پاڪستان خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿئي ٿي ته ان معاملي کي سفارتي ۽ قانوني سطح تي اثرائتي نموني اٿارڻ گهرجي. پاڪستان جي خودمختياري ۽ سلامتيءَ جو احترام سڀني ملڪن لاءِ لازمي هجڻ گهرجي.

دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ رڳو آپريشن ڪرڻ ڪافي ناهي، پر ان سان گڏ دهشتگردن جي مالي مدد، سندن سهولتڪارن، رابطن ۽ تنظيمي نيٽ ورڪن کي به ختم ڪرڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن دهشتگرد گروهه کي مالي وسيلا، هٿيار ۽ محفوظ پناهه ملندي رهندي ته اهو ٻيهر سرگرم ٿيڻ جي ڪوشش ڪندو. تنهنڪري سيڪيورٽي ادارن کي جديد ٽيڪنالاجي، ڳجهي ڄاڻ ۽ گڏيل حڪمت عمليءَ ذريعي اهڙن نيٽ ورڪن خلاف اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن. ٻئي طرف بلوچستان ۽ خيبرپختونخوا جا ماڻهو به امن ۽ خوشحاليءَ جا خواهشمند آهن. انهن علائقن جي عوام ڏکي عرصي کان بدامنيءَ سبب وڏيون تڪليفون برداشت ڪيون آهن. ڪاروبار متاثر ٿيو آهي، روزگار جا موقعا گهٽيا آهن ۽ تعليمي سرگرمين کي به نقصان پهتو آهي. حڪومت کي گهرجي ته دهشتگرديءَ خلاف ڪارروائين سان گڏ انهن علائقن ۾ تعليم، صحت، روڊن، روزگار ۽ ترقياتي منصوبن تي خاص ڌيان ڏئي. جڏهن نوجوانن کي بهتر مستقبل جا موقعا ملندا ته سماج ۾ مايوسي ۽ انتهاپسنديءَ جي سوچ کي روڪڻ ۾ مدد ملندي. امن جي قيام ۾ عوام جو ڪردار پڻ انتهائي اهم آهي. ڪنهن به ملڪ ۾ امن رڳو حڪومتي اعلانن سان قائم نٿو ٿي سگهي، پر ان لاءِ عوام ۽ ادارن وچ ۾ اعتماد، تعاون ۽ گڏيل ذميواري ضروري آهي. شهرين کي مشڪوڪ سرگرمين بابت لاڳاپيل ادارن کي آگاهه ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته حڪومت کي به عوام جي جائز شڪايتن ۽ مسئلن جو حل ڪڍڻ گهرجي. رياست ۽ عوام جي وچ ۾ اعتماد مضبوط ٿيندو ته دهشتگردن لاءِ پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي پوندو. سفارتي محاذ تي به پاڪستان کي پنهنجو ڪردار وڌيڪ اثرائتو بڻائڻو پوندو. پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن ۾ امن، خودمختياري ۽ هڪ ٻئي جي احترام کي بنيادي اصول بڻائڻ گهرجي. ڪنهن به ملڪ جي سرزمين ٻئي ملڪ خلاف دهشتگرديءَ لاءِ استعمال ٿيڻ نه گهرجي. عالمي ادارن کي به دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته خطي ۾ بدامني رڳو هڪ ملڪ کي نه، پر سموري علائقي جي ترقي ۽ استحڪام کي متاثر ڪري ٿي. قومي سلامتيءَ جي معاملي تي سياسي اختلافن کي هڪ پاسي رکي گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. حڪومت، مخالف ڌر، سياسي جماعتن، مذهبي اڳواڻن ۽ ميڊيا کي ملڪ جي امن ۽ سلامتيءَ لاءِ ذميوارانو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر دهشتگرديءَ خلاف جنگ ۾ قومي اتحاد تمام ضروري آهي. سماجي رابطن جي ذريعن تي افواهن ۽ اڻتصديق ٿيل خبرن کان پاسو ڪرڻ پڻ هر شهري جي ذميواري آهي.

شهيدن جي خاندانن جي سارسنڀال به رياست جي اهم ذميواري آهي. جيڪي جوان وطن جي حفاظت ڪندي پنهنجي جان قربان ڪن ٿا، انهن جي ٻارن جي تعليم، خاندان جي ڪفالت ۽ مستقبل جي تحفظ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. شهيدن جون قربانيون رڳو بيانن ۽ تقريبن تائين محدود نه رهڻ گهرجن، پر سندن خاندانن کي مڪمل سهڪار فراهم ڪرڻ گهرجي. اڄ پاڪستان کي اهڙي قومي اتحاد جي ضرورت آهي، جيڪو دهشتگرديءَ خلاف جاري ڪوشش کي وڌيڪ مضبوط بڻائي. سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون، عوام جو سهڪار، حڪومت جي سنجيده حڪمت عملي ۽ سفارتي ڪوششون گڏجي ئي هن خطري جو اثرائتو مقابلو ڪري سگهن ٿيون. دهشتگرديءَ خلاف ڪاميابيءَ جو اصل مقصد رڳو دهشتگردن جو خاتمو نه، پر اهڙو پاڪستان بڻائڻ آهي، جتي شهري محفوظ هجن، ڪاروبار ترقي ڪري، ٻار بنا خوف جي اسڪول وڃن ۽ هر علائقي ۾ امن ۽ خوشحاليءَ جو ماحول قائم هجي. وزيراعظم شهباز شريف جو اهو اعلان ته ٻاهرين سرپرستيءَ ۾ ٿيندڙ دهشتگرديءَ جي مڪمل خاتمي تائين آپريشن پوري طاقت سان جاري رهندا، قومي سلامتيءَ بابت هڪ واضح عزم آهي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ان عزم کي مستقل نتيجن ۾ تبديل ڪيو وڃي. پاڪستان دهشتگرديءَ خلاف ڏکي جنگ ۾ وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. انهن قربانين جو تقاضو آهي ته ملڪ ۾ پائيدار امن قائم ٿئي، دهشتگرديءَ جي سمورن نيٽ ورڪن جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ ايندڙ نسلن کي هڪ محفوظ، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان ڏنو وڃي.

اسٽيبلشمينٽ جي مفادن جي تحفظ لاءِ ڏنل ريفرنڊم واري تجويز

پروفيسر اعجاز احمد قريشي

ملڪ ۾ نون صوبن جي قيام بابت بحث ڪو نئون نه آهي. وقت بوقت انتظامي ضرورتن، وسيلن جي ورڇ ۽ عوامي سهولتن جي نالي ۾ نون صوبن جو تصور سامهون آندو ويندو رهيو آهي. پر تازو ان بحث ۾ ريفرنڊم ذريعي نوان صوبا قائم ڪرڻ جي تجويز شامل ٿيڻ کان پوءِ ڪيترائي نوان سوال پيدا ٿي پيا آهن. بظاهر اها تجويز عوامي راءِ معلوم ڪرڻ جو جمهوري طريقو لڳي ٿي، پر پاڪستان جي سياسي تاريخ، چونڊن جي تڪراري روايتن ۽ ماضي جي ريفرنڊمن کي نظر ۾ رکندي اهو سوال اهم ٿي وڃي ٿو ته ڇا ملڪ ۾ اهڙو عمل واقعي آزاد، شفاف ۽ غيرجانبدار ٿي سگهندو؟

پاڪستان جي تاريخ ۾ ريفرنڊم جو استعمال به اهڙو نه رهيو آهي، جنهن کي بنا سوال جي عوامي راءِ جو مستند اظهار قرار ڏئي سگهجي. برطانوي هندستان جي ورهاڱي کان اڳ 1947 ع ۾ اتر اولهه سرحدي صوبي ۽ سلهٽ ۾ ريفرنڊم ڪرايا ويا هئا. انهن جو مقصد اهو طئي ڪرڻ هو ته لاڳاپيل علائقا هندستان ۾ شامل ٿين يا پاڪستان جو حصو بڻجن. اتر اولهه سرحدي صوبي ۾ پاڪستان جي حق ۾ 2 لک 89 هزار 244 ۽ هندستان جي حق ۾ 2 هزار 874 ووٽ پيا. جڏهن ته ڪانگريس ۽ خدائي خدمتگار تحريڪ ان عمل جو بائيڪاٽ ڪيو، ڇاڪاڻ ته سندن موقف موجب آزادي يا پختونستان جو اختيار ڏنو ئي نه ويو هو. اهڙيءَ طرح سلهٽ ۾ به ريفرنڊم ذريعي اوڀر بنگال ۾ شامل ٿيڻ جو فيصلو ٿيو، پر ان علائقي جا ڪجهه حصا هندستان ۾ ئي رهيا. اهي واقعا پنهنجي تاريخي پسمنظر ۾ اهم آهن، پر پاڪستان جي قيام کان پوءِ ٿيل ريفرنڊمن جي نوعيت ۽ انهن تي اٿندڙ اعتراضن کي به نظرانداز نٿو ڪري سگهجي.

صدر ايوب خان پنهنجي اقتدار ۽ پاليسين جي تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ 1960 ع ۾ بنيادي جمهوريتن جي نمائندن وسيلي ووٽ ڪرايو. ضياءُالحق 1984 ع ۾ پنهنجي اسلامائيزيشن واري پروگرام ۽ صدارتي مدي جي تائيد لاءِ ريفرنڊم ڪرايو. جنهن جو مخالف ڌرجي جماعتن بائيڪاٽ ڪيو. ساڳيءَ طرح پرويز مشرف 2002 ع ۾ وڌيڪ پنجن سالن لاءِ صدارتي مينڊيٽ حاصل ڪرڻ خاطر ريفرنڊم ڪرايو. جنهن جي نتيجن ۽ عمل جي شفافيت بابت مخالف ڌر ۽ آزاد مبصرن اعتراض اٿاريا. انهن مثالن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ ريفرنڊم جو تصور ڪيترائي ڀيرا اقتدار جي سياسي تائيد حاصل ڪرڻ لاءِ به استعمال ٿيو آهي.

مادرِ ملت فاطمه جناح جي 1965 ع واري صدارتي چونڊ به ملڪ جي چونڊ تاريخ جو هڪ تڪراري باب آهي. اها سڌي ريفرنڊم بدران بنيادي جمهوريتن جي نمائندن وسيلي ٿيل صدارتي چونڊ هئي، جنهن ۾ سرڪاري مشينري جي استعمال ۽ چونڊ عمل جي غيرجانبداري بابت سنگين اعتراض سامهون آيا. فاطمه جناح جي شڪست کي ان وقت جي سياسي ماحول ۽ چونڊ نظام کان ڌار ڪري نٿو ڏسي سگهجي. اهڙي تاريخي پسمنظر ۾ اهو سوال جائز آهي ته جڏهن عام چونڊن جي شفافيت تي ئي بار بار سوال اٿندا رهيا آهن، تڏهن ريفرنڊم جهڙي حساس عمل تي عوام جو اعتماد ڪيئن بحال ٿيندو؟ ان ڪري ريفرنڊم کي عوامي راءِ معلوم ڪرڻ جو ڪو اهڙو جادوئي نسخو نٿو سمجهي سگهجي، جيڪو پاڻمرادو شفافيت جي ضمانت بڻجي وڃي. ريفرنڊم تڏهن ئي جمهوري اهميت رکي سگهي ٿو، جڏهن ان جو سوال واضح هجي، چونڊ مهم لاءِ سڀني ڌرين کي برابر موقعا ملن، ووٽر بنا ڪنهن دٻاءَ جي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهن، چونڊ عمل آزاد ۽ غيرجانبدار هجي ۽ نتيجن تي عوام جو اعتماد قائم رهي. ٻي صورت ۾ ريفرنڊم عوامي راءِ بدران حڪمرانن جي مرضيءَ کي عوامي فيصلو ظاهر ڪرڻ جو ذريعو بڻجي سگهي ٿو. نون صوبن جي قيام جو معاملو آئيني تقاضائن سان پڻ ڳنڍيل آهي. آئين جي آرٽيڪل 239 موجب، ڪنهن صوبي جون حدون تبديل ڪندڙ آئيني ترميم لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت ضروري آهي. تنهن ڪري ريفرنڊم جي تجويز کي آئين ۾ ڏنل طريقيڪار کان متانهون نٿو رکي سگهجي.

سوال اهو به آهي ته نوان صوبا قائم ڪرڻ جي مطالبي پٺيان عوامي ڀلائيءَ جو ڪهڙو واضح منصوبو موجود آهي؟ ڇا ان سان عام ماڻهن کي تعليم، صحت، روزگار، انصاف ۽ انتظامي سهولتون سندن گهرن ۾ ملنديون؟ ڇا وسيلن جي منصفاڻي ورڇ يقيني بڻبي؟ ڇا نئين انتظامي ڍانچي سان ننڍن علائقن جي محرومين جو خاتمو ٿيندو يا رڳو نئين حڪمران طبقي، نئين بيوروڪريسي ۽ نون اختيارن جا مرڪز قائم ٿيندا؟

خاص طور سنڌ جهڙي تاريخي، ثقافتي ۽ لساني سڃاڻپ رکندڙ صوبي ۾ اهڙي ڪنهن به تجويز تي بحث ڪندي عوامي اعتماد، صوبائي خودمختياري ۽ تاريخي حقيقتن کي بنياد بڻائڻ لازمي آهي. سنڌ جي وحدت ۽ وسيلن بابت خدشا ڪنهن انتظامي تجويز کي رد ڪرڻ يا قبول ڪرڻ کان اڳ سنجيدگيءَ سان ٻڌڻ گهرجن. ڪنهن به فيصلي لاءِ اهو ضروري آهي ته سنڌ سميت لاڳاپيل سمورن علائقن جي عوام کي اعتماد ۾ ورتو وڃي ۽ ڪنهن به ڌر تي پنهنجو فيصلو مڙهڻ جي ڪوشش نه ڪئي وڃي.

ملڪ اڳ ئي سياسي بي يقيني، معاشي بحران، صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ بابت تڪرارن ۽ وفاقي ڍانچي جي ڪمزورين جهڙن مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ نون صوبن جي نالي تي هڪ نئون سياسي تڪرار پيدا ڪرڻ بدران پهرين انهن بنيادي مسئلن جو حل ڳولڻ گهرجي، جن سبب عوام ۾ محرومي ۽ بي اعتمادي وڌي رهي آهي. جيڪڏهن مقصد واقعي عوام کي سهولتون ڏيڻ ۽ انتظامي نظام کي بهتر بڻائڻ آهي ته ان لاءِ مقامي حڪومتن کي بااختيار بڻائڻ، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ صوبن جي آئيني خودمختياريءَ تي عمل ڪرڻ به اوترو ئي ضروري آهي.

بقايا *** 01

ي رستا، آبناءِ هرمز ۽ باب المندب، پڻ سخت متاثر ٿيا آهن. پاڪستان ۾ ايراني سفارتخاني پاران جاري ڪيل سندس تقرير جي متن موجب، عباس عراقچي چيو ته ”اسان جي خطي کي رڳو هڪ آزاد سيڪيورٽي نظام جي نه، پر توانائيءَ جي فراهميءَ کي محفوظ بڻائڻ، رسد کي مستحڪم رکڻ، ٻاهرين خطرن کي گهٽائڻ ۽ جاگرافيائي سياسي بحرانن ۽ رڪاوٽن کي منهن ڏيڻ لاءِ گڏيل صلاحيت وڌائڻ جي مقصد سان توانائيءَ جي هڪ قابل اعتماد ۽ پائيدار علائقائي نظام جي به ضرورت آهي.“ عراقچي چيو ته اي سي او ۽ پنهنجي ”روايتي ڪردار کان اڳتي وڌي، گڏيل عمل، مضبوط سهڪار ۽ گڏيل ڪوشش لاءِ هڪ اثرائتو پليٽ فارم بڻجي رهي آهي.“ ”سندس چوڻ هو ته اهي تبديلي ميمبر ملڪن کي ’ايندڙ چئلينجن کي منهن ڏيڻ ۽ هڪ جامع ۽ منصفاڻي عالمي معاشي نظام جي قيام ۾ ڪردار ادا ڪرڻ‘ جي قابل بڻائيندي. هن خطي جي فائدي لاءِ هڪ ”جديد، نئين نسل جي، وڌيڪ جامع، اثرائتي ۽ عملي واپاري معاهدي“ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو. ايران خلاف آمريڪي جنگ جو حوالو ڏيندي عراقچي چيو ته ”ايران سفارتي رابطي ۽ پرامن حل لاءِ پنهنجي عزم تي قائم رهيو آهي.“ بهرحال، هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا هڪ مختلف رستو اختيار ڪيو، جيڪو ”جارحيت، ڌمڪين، مخصوص هدفن کي قتل ڪرڻ، معاشي دٻاءُ ۽ ناڪابنديءَ تي ٻڌل آهي، جيڪو عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي کليل ڀڃڪڙي آهي.“ هن واضح ڪيو ته ايران جو خطي جي ملڪن سان ڪو به بنيادي تڪرار ناهي.

بقايا *** 02

مدد ڏئي ڇڏي. هلندڙ مالي سال جي پهرين ٽن مهينن دوران آئين جي آرٽيڪل 164 تحت اها مالي مدد ڏني وئي. ذريعن موجب، آرٽيڪل 164 اين ايف سي ايوارڊ کان الڳ آهي، جنهن تحت وفاق ۽ صوبا ڪنهن به قومي مقصد لاءِ هڪ ٻئي کي مالي مدد ڏئي سگهن ٿا. هلندڙ بجيٽ ۾ صوبن پاران وفاق کي هڪ هزار 35 ارب روپين جي مالي مدد ڏيڻ جو ٽارگيٽ ڏنو ويو آهي. جنهن تحت پنجاب 555 ارب، سنڌ 263 ارب، ڪي پي ڪي 157 ارب، جڏهن ته بلوچستان 58 ارب رپيا ڏيندو.

بقايا *** 03

ي ڊريش چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ انجنيئرز کي جديد رجحانن ۽ عوامي جذبي سان ڪم ڪرڻو پوندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن سومر ڏينهن ايڪسپو سينٽر لاهور ۾ منعقد 63 هين آءِ اي پي ڪنوينشن، فيصل ريجنل سيمينار ۽ عالمي گهڻ رخي شعبن واري ڪانفرنس جي افتتاحي تقريب سان خطاب ڪندي ڪيو. وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته پاڪستان قائم ٿيڻ جي وقت ملڪ جي هر شعبي کي گهٽ وسيلن سبب مشڪلاتون درپيش هيون. اسان جي انجنيئرز روڊ انفراسٽرڪچر، آبي وسيلن، توانائي سميت هر شعبي ۾ بي شمار خدمتن ذريعي ملڪ جي خدمت ڪئي. هن چيو ته پاڪستان کي هاڻي موسمياتي تبديلي، پاڻي جي کوٽ، توانائي جي وڌندڙ ضرورت سميت ٻيا ڪيترائي چئلينج هڪ دفعو ٻيهر درپيش آهن. اسان جي نوجوان انجنيئرز کي قيام پاڪستان جي وانگر هاڻي به پنهنجي قومي ذميواري پروفيشنل طريقي سان نڀائڻي پوندي ته جيئن اسان پاڪستان کي انجنيئرنگ جي شعبي ۾ فرنٽ لائن اسٽيٽ بڻائي سگهون. وفاقي وزير چيو ته انجنيئرنگ جي شعبي ۾ سڌارن لاءِ ايڇ اي سي کي هدايت ڏنيون آهن ته نصاب ۾ پراڻن مضمونن بدران اهڙو نصاب شامل ڪريو جيڪو ايندڙ 20 سالن جي ملڪي ضرورتن کي پورو ڪري جي قابل هجي. هن چيو ته تعليمي ادارن کي صنعت سان گڏجي ڪم ڪرڻ لاءِ به نئين انداز ۾ رٿابندي ڪئي پئي وڃي ته جيئن نون انجنيئرز کي تعليم مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ پوري طرح پيشيوراڻي طور تي فعال ڪري سگهجي. ان ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي وفاقي وزير احسن اقبال چيو ته نون صوبن جي حوالي سان بحث اڃان صرف ميڊيا جي حد تائين آهي. جڏهن اها ڳالهه ڪابينا آڏو ايندي ته ان تي تبصرو ڪري سگهان ٿو.

بقايا *** 04

هي ڊپٽي ڊائريڪٽر موسميات ڪاتو ڪراچي انجم نذير ضيغم موجب 18 نومبر کان شهر جي موسم ۾ تبديلي متوقع آهي. جنهن سبب ڏينهن جي وقت موسم خشڪ جڏهن ته راتيون ٿڌيون رهڻ جو امڪان آهي. هن ٻڌايو ته اڄ سياڻي موسم خشڪ رهڻ جي اميد آهي، جڏهن ته ايندڙ ٽن ڏينهن دوران شهر ۾ وڌ کان وڌ گرمي پد 33 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ وچ ۾ رهي سگهي ٿو. انجم نذير ضيغم موجب اولهه وارين هوائن جي سسٽم سبب بلوچستان ۾ ٿيندڙ برسات جا اثر ڪراچي تي پئجي سگهن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ صبح جي گرمي پد ۾ موجوده سطح جي مقابلي ۾ هڪ کان ٽن ڊگري سينٽي گريڊ تائين گهٽتائي جو امڪان آهي. موسمياتي تبديلي موجب ڪراچي ۾ ٿڌي موسم تقريبن چار ڏينهن تائين برقرار رهي سگهي ٿي، جنهن ڪانپوءِ گرمي ٻيهر معمول تي اچڻ جو امڪان آهي. ڊپٽي ڊائريڪٽر موسميات ڪاتي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر واضح ڪيو ته في الحال ڪراچي ۾ سياري جي موسم جو ڪو امڪان ناهي.

بقايا *** 05

هڪ ملازم جون ۾ سالياني (انڪريمنٽس) روڪڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو آهي. اها ڪارروائي ڪميشن جي چيئرمين رضوان احمد پاران شروع ڪيل جامع احتسابي مهم جو حصو قرار ڏني وئي آهي. ڪميشن جي چيئرمين رضوان احمد جون 2026 ع ۾ ذميواريون سنڀالڻ ڪانپوءِ اداري ۾ ميرٽ، شفافيت ۽ عوامي اعتماد جي بحاليءَ کي پنهنجي اولين ترجيح بڻايو. ان سلسلي ۾ هن ڪميشن جي سموري لاڳاپيل رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ، عوام ۽ ٻين ڌرين پاران مليل شڪايتن جي تصديق ۽ حقيقتن جي جاچ جا حڪم جاري ڪيا. شڪايتن جي تفصيلي جاچ، دستاويزي رڪارڊ جي ڇنڊڇاڻ ۽ لاڳاپيل حقيقتن جي تصديق ڪانپوءِ مروج قانون، قاعدن ۽ ضابطن تحت ڪاتي واريون ڪارروايون مڪمل ڪيون ويون. جن جي بنياد تي مجاز اختياريءَ هيٺين آفيسرن ۽ ملازمن خلاف سزا جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا *** 06

ڊيا سان ڳالهائيندي علي خورشيدي چيو ته آباد جا نمائندا زمينن تي قبضن ۽ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي (ايس بي سي اي) ۾ مبينا ڀتي خوري جون شڪايتون ڪن ٿا، پر سنڌ حڪومت جا وزير انهن مسئلن تي سنجيدگيءَ ڏيکارڻ بدران سخت رويو اختيار ڪن ٿا. هن چيو ته ڪراچي جي ڊوميسائل ڪجهه پئسن عيوض وڪرو ڪيا پيا وڃن، جيڪو ظلم ۽ زيادتي آهي ۽ ڪنهن به صورت برداشت نه ڪيو ويندو. دعويٰ ڪئي ته سوين ماڻهن مبينا جعلي ڊوميسائل تي اين ڊي ايس جي ٽيسٽ جا امتحان ڏنا، جنهن ذريعي ڪراچي جي شاگردن سان ناانصافي ڪئي وئي. هن چيو ته جعلي ڊوميسائل ذريعي ڪراچي جي سيٽن تي قبضو ڪيو پيو وڃي ۽ ڪياماڙي، مليري ۽ گڏاپ جي ٻارن لاءِ لياري ميڊيڪل يونيورسٽي ۾ داخلا جا موقعا به محدود آهن. علي خورشيدي صوبائي حڪومت تي تنقيد ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي جي 18 سالن واري دور حڪومت ۾ ڪراچي بدحاليءَ جو شڪار ٿي چڪو آهي. هن جي بقول شهر جي عوام کي اڄ تائين پيئڻ جي پاڻي جي مناسب فراهمي يقيني نه بڻائي سگهجي، جڏهن ته حڪومت مسئلن جي نشاندهي کي پروپيگنڊا قرار ڏئي ٿي.

بقايا *** 07

رسندو ميرپورخاص ۾ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي آبادگار فورم طرفان ”سنڌ جي زراعت، ماحوليات ۽ چيلنجز“ جي سري هيٺ سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه چيو ته نون صوبن، انتظامي يونٽن ۽ اڪنامڪ زون ۽ گرين پاڪستان جو نعرو بنيادي طور 1991 ع واري پاڻي جي ختم ڪرڻ لاءِ آهي، ڇاڪاڻ ته پاڻي 4 صوبن جو گڏيل حصو آهي، جيڪڏهن عوام ان جي مخالفت نه ڪئي ته انڊس ڊيلٽا تباهه ٿي ويندو، جنهن سان نه رڳو انسان، پر سموري جانور ۽ ٻوٽا، جيت جنتيا ۽ سموري ماحوليات ختم ٿي ويندي. سيد زين شاهه وڌيڪ چيو ته پنجاب ۾ سوا 2 ڪروڙ زمين مان 30 سيڪڙو زمين باراني آهي، جنهن کي ايريگيشن سسٽم جي ڪمانڊ ايريا ۾ آڻڻ لاءِ نون ڪئنالن جو منصوبو رٿيو ويو آهي.

بقايا *** 08

اري مارجي ويو، جڏهن ته پاڻ کي گولي هڻي زخمي ڪندڙ نوجوان کي گنڀير زخمي حالت ۾ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب هڪ هٿياربند نوجوان گهر ۾ داخل ٿي شبانه خان نالي ناري کي گولي هڻي ڇڏي، جنهن کانپوءِ ساڳي نوجوان پاڻ کي پڻ گولي هڻي ڇڏي. جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو. پوليس موجب زخمي نوجوان جي سڃاڻپ شهزاد ڪوڪر طور ٿي آهي، جنهن کي علاج لاءِ سول اسپتال حيدرآباد ۾ داخل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي وقت نوجوان جو هڪ ساٿي گهر کان ٻاهران موجود هو، جيڪو فائرنگ ڪانپوءِ فرار ٿي ويو. واقعي ۾ مارجي ويل ناري جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو وڌيڪ چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي، جڏهن ته فرار ٿيل نوجوان جي گرفتاري لاءِ پڻ ڪوششون ڪيون پيون وڃن.

بقايا *** 09

يو، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو. ريسڪيو اختيارين موجب حادثو ملير باءِ پاس تي پيش آيو. جتي ٽرالر هيٺان ڦاٿل ماڻهو کي ڪڍڻ لاءِ امدادي ڪارروائي جاري آهي. حادثي ۾ فوت ٿيل شخص جو مڙهه ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. ريسڪيو اختيارين موجب حادثي سبب ملير باءِ پاس تي ٽريفڪ جي آمدرفت معطل ڪئي وئي آهي.

بقايا *** 10

تحت پاڪستان جي برآمدن ۾ نمايان واڌ رڪارڊ ڪئي وئي آهي. پاڪستان جي ڪسٽم واري اداري موجب مالي سال 2026_27 جي پهرين چئن مهينن دوران ملڪي برآمدون 11 ارب 37 ڪروڙ ڊالر جي سطح تي پهچي ويون، جيڪي گذريل مالي سال جي ساڳئي عرصي جي مقابلي ۾ 8.8 سيڪڙو وڌيڪ آهن. پاڪستان جي ڪسٽم واري اداري انگن اکرن موجب مالي سال 2025_26 جي پهرين چئن مهينن ۾ پاڪستان جون برآمدون 10 ارب 40 ڪروڙ ڊالر هيون، جيڪي هلندڙ مالي سال جي ساڳئي عرصي ۾ وڌي 11 ارب 37 ڪروڙ ڊالر تي وڃي پهتيون، ان طرح هڪ سال دوران برآمدن ۾ تقريبن 97 ڪروڙ ڊالر جو واڌارو رڪارڊ ڪيو ويو. حڪومت جو موقف آهي ته برآمدن ۾ واڌ سان معاشي سڌارن، برآمدن تي ٻڌل ترقياتي حڪمت عملي ۽ ڪاروباري ۽ صنعتي سرگرمين جي فروغ لاءِ کنيل قدمن جا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. وزيراعظم شهباز شريف جي معاشي سڌارن واري ايجنڊا تحت برآمدي شعبي جي حوصلا افزائي، موثر سفارتي رابطن ۽ اقتصادي تعاون جي فروغ تي به ڌيان ڏنو پيو وڃي. حڪومتي موقف موجب معاشي استحڪام لاءِ گڏيل ڪوشش ۽ معاشي ٽيم جي قدمن سان سيڙپڪارن جي اعتماد ۾ بهتري آئي آهي. جڏهن ته اقتصادي سرگرمين کي به هٿي ملي رهي آهي. حڪومت ڪاروباري شعبي، صنعت ۽ سيڙپڪارن کي وڌيڪ سهولتون فراهم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪندي چيو آهي ته مقابلي واري معاشي پاليسين، مالي وسيلن تائين بهتر رسائي ۽ مسلسل سڌارن ذريعي برآمدن ۽ سيڙپڪاري ۾ وڌيڪ واڌارو ڪيو ويندو. پاڪستان جي معيشت ۾ برآمدن کي بنيادي اهميت حاصل آهي، ڇو ته اهي ملڪ لاءِ قيمتي ناڻي جو اهم ذريعو هجڻ سان گڏ درآمدي ضرورتن کي پورو ڪرڻ ۽ ادائگين جي توازن کي بهتر بڻائڻ ۾ به ڪردار ادا ڪن ٿيون. ٽيڪسٽائيل ۽ ڪپڙا، چانور، چمڙي جون شيون، رانديون جو سامان ۽ سرجيڪل اوزار پاڪستان جي نمايان برآمدي شين ۾ شامل آهن.

بقايا *** 11

ڪري ورتو ويو مليل ڳجهي اطلاع تي ڪسٽم اينٽي اسمگلنگ آرگنائيزيشن جي ٽيم غني چورنگي ۽ گلبائي پل تي ايراني پيٽرول ۽ ڊيزل سان ڀريل 2 ٽينڪرز کي روڪي لاڳاپيل دستاويز طلب ڪيا، پر ٽينڪرز جو عملو دستاويز فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام رهيو. ڪارروائي دوران هڪ آئل ٽينڪر نمبر ٽي ايل ڊي 918 کان بائيڪو ريفائنري جا جعلي انوائسس به هٿ آيا. اختيارين طرفان آئل ٽينڪرز جي جاچ پڙتال دوران ٻنهي ٽينڪرن مان گڏيل طور تي 39 هزار 550 ليٽر اسمگل ٿيل ڊيزل ۽ پيٽرول هٿ آيو. ڪليڪٽر ڪسٽمز انفورسمينٽ فريد سالارزئي موجب هٿ آيل ڊيزل، پيٽرول ۽ ٻنهي آئل ٽينڪرز جي گڏيل ماليت 5 ڪروڙ 51 لک روپيا آهي. اختيارين ڪيس داخل ڪري اسمگل ٿيل ڊيزل، پيٽرول ۽ ٻئي آئل ٽينڪرز ضبط ڪري ورتا آهن.

بقايا *** 12

رتنوير پاستا، رمضان، حذيفه ۽ ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا هن موقعي تي پوليس طرفان جوابدار امين بابت رپورٽ جمع ڪرائي ۽ تفتيشي آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته جوابدار جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا، تنهن هوندي به هو گرفتار نه ٿي سگهيو. عدالت رپورٽ جو جائزو وٺڻ کانپوءِ جوابدار امين جا ناقابل ضمانت وارنٽ گرفتاري جاري ڪيا ۽ کيس اشتهاري قرار ڏيڻ لاءِ قانوني ڪارروائي شروع ڪرڻ جي هدايت ڪئي. جوڊيشل مئجسٽريٽ سائوٿ ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 3 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ايندڙ ٻڌڻي تي جوابدارن جي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ٿيندي. جوابدار تنوير پاستا ۽ ٻيا جوابدار عبوري ضمانت تي آهن. واضح رهي ته سانحي گل پلازه ۾ 72 ماڻهو فوت ٿيا هئا.

بقايا *** 13

ٻارن کي ديني تعليم ڏيندڙ قاري کي عدالت 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. ٻه ڏينهن اڳ اسلام آباد ۾ گهر ۾ ڪم ڪندڙ 13 ورهين جي فاطمه مبينا گهريلو تشدد سبب فوت ٿي وئي هئي. جنهن ڪانپوءِ پوليس آفيسر جي گهرواري ۽ گهر ۾ ٻارن کي ديني تعليم ڏيڻ لاءِ ايندڙ قاري کي گرفتار ڪيو ويو هو. اسلام آباد پوليس ٻنهي جوابدارن کي عدالت ۾ پيش ڪيو، جنهن بعد عدالت کين 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا *** 14

رمير ڪري ڇڏي. چيف جسٽس وفاقي آئيني عدالت امين الدين خان ۽ جسٽس عامر فاروق تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. عدالت اپيل تي آءِ جي جي درخواست منظور ڪندي 5 نومبر واري حڪم امتناع ۾ ترميم ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته 5 نومبر تي آئيني عدالت جي جاري ڪيل حڪم سبب پشاور هاءِ ڪورٽ جي ڪارروائي متاثر ٿي رهي آهي ۽ وڪيل پريڪٽس ۾ رڪجي ويا آهن. آئيني عدالت ريمارڪس ڏنا ته حڪم امتناع گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي سان لاڳاپيل معاملن تائين محدود هو. پشاور هاءِ ڪورٽ اڄ آئين جي آرٽيڪل 199 تحت ٻيا ڪيس ٻڌي سگهي ٿي. جسٽس عامر فاروق ريمارڪس ڏنا ته آرٽيڪل 245 جي ساڳي تشريح موجب آرٽيڪل 199 تحت ڪيس نٿا ٻڌي سگهجن. پر جيڪڏهن آرٽيڪل 245 جي لفظي تشريح ڪئي وڃي ته سمورو معاملو ئي ختم ٿي ويندو. آئيني عدالت پشاور بار ڪائونسل کي ڪيس ۾ فريق بڻجڻ جي اجازت پڻ ڏئي ڇڏي. بيرسٽر گوهر استدعا ڪئي ته ٽي ايم پي ايز جي ڪيس جي ٻڌڻي نه ڪرڻ تي رليف ڏنو وڃي. ڇاڪاڻ ته هو هلائي تائين خيبرپختونخوا ۾ ريويو بورڊ قائم ناهي ٿيو ان تي ايڊووڪيٽ جنرل خيبرپختونخوا ٻڌايو ته ريويو بورڊ ٽن مهينن ڪانپوءِ قائم ٿيندو. جسٽس امين الدين خان بيرسٽر گوهر کي چيو ته توهان پنهنجون متفرق درخواستون پشاور رجسٽري ۾ داخل ڪرايون آهن. اهي جڏهن اسان وٽ اينديون ته ڏسي وٺنداسين. وفاقي آئيني عدالت ڪيس جي ٻڌڻي غيرمعينه مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 15

خرچن ۾ 28.21 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي موجوده مالي سال جي پهرين ٽن ماهي دوران وفاقي حڪومت کي هلائڻ سان لاڳاپيل خرچن ۾ نمايان اضافو ڏٺو ويو آهي. انهن خرچن ۾ روزاني آپريشنل خرچ، پگهارون، وفاقي وزارتن، ڊويزنن توڙي ادارن جا انتظامي خرچ شامل آهن. ناڻي وزارت جي دستاويزن مان ظاهر ٿئي ٿو ته جولاءِ کان سيپٽمبر 2026 جي وچ ۾، وفاقي حڪومت جي معاملن کي هلائڻ جا خرچ 206.64 ارب رپيا رهيا، جڏهن ته گذريل مالي سال جي ساڳئي عرصي دوران اهي خرچ 161.18 ارب رپيا هئا. وفاقي حڪومت موجوده مالي سال (2026_27) لاءِ سرڪاري معاملن کي هلائڻ جي خرچن ۾ وڌيڪ اضافي جو اندازو لڳايو آهي. جنهن لاءِ 1,071 ارب رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 16

واب اماڻي ڇڏيو جڏهن ته جوابي ڪارروائي ڪندي مريم نواز ۽ پنجاب جي اطلاعات واري وزير عظميٰ بخاري کي به هتڪ عزت جا قانوني نوٽيس به اماڻي ڇڏيا. پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ وفاقي وزير سالڪ حسين جي وچ ۾ تڪرار جي شروعات 2 نومبر تي چوڌري سالڪ حسين جي نجي چينل کي ڏنل انٽرويو سان ٿي هئي جنهن ۾ انهي پنجاب ۾ ڪرپشن، بدانتظامي ۽ ترقياتي بجيٽ جي استعمال بابت خدشن جو اظهار ڪيو هو. انهي بيان تي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز سخت رد عمل ڏيندي سالڪ حسين کي 5 ارب روپيه هرجاڻي جو قانوني نوٽيس اماڻيو هو. مسلم ليگ (ق) جي ترجمان موجب چوڌري سالڪ حسين پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز طرفان اماڻيل قانوني نوٽيس جو لکت ۾ جواب ايڊووڪيٽ جنرل پنجاب کي اماڻيو آهي. وفاقي وزير پنهنجي جواب ۾ پنهنجي بيان تي قائم رهڻ جو اعلان ڪندي چيو آهي ته قانوني نوٽيس جي ذريعي انهي کي خاموش نٿو ڪرائي سگهجي جيڪو عوامي مفاد جي مسئلن تي آواز اٿاريندو رهندو. چوڌري سالڪ حسين جو چوڻ آهي ته پنجاب لاڳيتو سخت بدانتظامي ۽ بدعنواني جي دلدل ۾ ڦاٿل آهي. انهن مسئلن تي ڌمڪين جي بجاءِ احتساب ۽ جوابدهي جي ضرورت آهي. انهي موجب پنجاب ۾ شفافيت ۽ احتساب جي لاءِ انهي جو عزم غيرمتزلزل آهي. وفاقي وزير پنهنجي بيان ۾ چيو ته هن پنهنجي وڪيل جي حوالي سان هتڪ عزت جا 2 قانوني نوٽيس اماڻيا آهن. جن مان هڪ پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز ۽ ٻيو اطلاعات واري وزير عظميٰ زاهد بخاري کي اماڻيو ويو آهي.

بقايا *** 17

باوجود حصو ورتو ڪندي، پنهنجي بيان ۾ لياقت بلوچ چيو ته مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي اسلام آباد جي مڪاني چونڊن جي ميدان کان ڀڄي وڃن آهن. هن چيو ته صوبن ۽ انتظامي يونٽس ۾ اضافي جو مطالبو غير جمهوري يا غير آئيني نه آهي. ريفرنڊم جي تاريخ تمام گهڻي ڊيڄاريندڙ آهي. ماضي ۾ ڪوبه ريفرنڊم عزت نه ماڻي سگهيو هو. لياقت بلوچ چيو ته هو ته ريفرنڊم آئيني رڪاوٽون ختم نه ڪري سگهندو. آئين جي ٻيهر ستياناس ڪيو ويندو، عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿي ته هي جعلي حڪومتون آهن. حڪومتون فارم 47 تي آنديون ويون آهن.

بقايا *** 18

جي بجت، قابل تجديد توانائي، ماحولياتي تحفظ ۽ پائيدار ترقيءَ جي عملي قدمن کي اجاگر ڪيو ويو آهي. ترڪيءَ جي شهر انطاليا ۾ عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وڏي وزير مضبوط مالياتي سهڪار، منصفاڻي موسمياتي ماليات ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي منتقليءَ جو سڏ ڏنو ۽ انهي ڳالهه تي زور ڀريو ته ترقي پذير ملڪ، عالمي گيسن جي خارج ٿيڻ ۾ سڀ کان گهٽ حصو وجهڻ جي باوجود، موسمياتي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو بار کڻي رهيا آهن. هن چيو ته پاڪستان عالمي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جي خارج ٿيڻ ۾ هڪ سيڪڙو کان به گهٽ حصيداري جو پر تباهه ڪندڙ ٻوڏن، سخت گرمي، ڏڪار، سامونڊي خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي. موسمياتي تبديلي رڳو هڪ ماحولياتي چئلينج ناهي، اها انساني جانين، روزگار لاءِ هڪ سڌو سنئون خطرو آهي. 2022 ع جي تباهه ڪندڙ ٻوڏن جو حوالو ڏيندي مراد علي شاهه چيو ته ٻوڏن سبب 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا، 1,700 کان وڌيڪ ماڻهن پنهنجون جانيون وڃايون ۽ معاشي نقصان 30 ارب ڊالرن کان وڌي ويو. اڪيلي سنڌ کي ڪل نقصان جو لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو برداشت ڪرڻو پيو هن چيو ته صوبائي حڪومت رڳو تباهه ٿيل بنيادي ڍانچي جي مرمت ڪرڻ بدران وڌيڪ مضبوط ۽ محفوظ آباديون ٻيهر جوڙڻ جي حڪمت عملي اختيار ڪئي آهي. ڏهه لک موسمياتي لچڪدار گهر مڪمل: سنڌ پيپلز هائوسنگ پروگرام کي اجاگر ڪندي وڏي وزير چيو ته صوبو متاثر خاندانن لاءِ 21 لک موسمياتي اثرن کان محفوظ گهر تعمير ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي. جنهن کيس آفيت کان پوءِ گهرن جي نئين سر اڏاوت جو دنيا جو سڀ کان وڏو منصوبو بڻائي ڇڏيو آهي. هن چيو ته ٽن سالن اندر ڏهه لک گهر مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته 7 لک گهر تعمير جي مختلف مرحلن ۾ آهن. 42,000 کان وڌيڪ ڪميونٽي ڪاميٽيون قائم ڪيون ويون آهن ۽ حقدارن لاءِ 17 لک کان وڌيڪ بئنڪ اڪائونٽ کوليا ويا آهن مالي مدد سڌيءَ ريت خاندانن کي منتقل ڪئي وئي، جنهن سان هو پنهنجا گهر پاڻ تعمير ڪرڻ جي قابل ٿيا. ملڪيت جي مالڪي ۽ مالي بااختياري ذريعي عورتن کي مرڪزي ڪردار ڏنو ويو آهي.

بقايا *** 19

ان پهرين جو گهڻي دير ٿي وڃي. آئيني عدالت جي چيف جسٽس، چيف جسٽس پاڪستان ۽ چيف جسٽس هاءِ ڪورٽ جي نالي پي ٽي آءِ جي باني عمران خان جو خط بيرسٽر سلمان صفدر جي ذريعي لکيو ويو خط ۾ چيو ويو آهي ته مان جج صاحبان کان وڌيڪ رعايت نه گهري رهيو آهيان. منهنجي گذارش آهي ته سپريم ڪورٽ جي حڪم تي عمل ڪرائيندي مون کي مناسب علاج جي سهولت فراهم ڪئي وڃي. عمران خان خط ۾ چيو ته جيڪڏهن مان زنده رهيس ته صرف انهي صورت ۾ پاڻ کي بي گناهه ثابت ڪري سگهان ٿو مون کي انصاف ڏيوانهي کان اڳ جو گهڻي دير ٿي وڃي. 10 نومبر تي منهنجو بلڊ پريشر 193 تي پهچي ويو هو ڊاڪٽرن مون کي دل جي دوري ۽ برين هيمرج جي خطري جو امڪان ظاهر ڪيو.

بقايا *** 20

جڏهن ته وڌيڪ ست لک گهرن جي تعمير جو ڪم جاري آهي. اهو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ويزن هو. جنهن کي پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت عملي جامو پارايو. عالمي بئنڪ پڻ هن منصوبي جي غيرمعمولي وسعت جو اعتراف ڪيو آهي. ڪراچي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هي سڀ کان ارب ڊالرن کان وڌيڪ جو منصوبو آهي ۽ ان جي سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته گهرن جي مالڪي جا حق عورتن کي ڏنا پيا وڃن. جيئن کين معاشي ۽ سماجي تحفظ حاصل ٿي سگهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش ۽ سنڌ حڪومت جي محنت سبب اڄ سڄي دنيا ۾ پاڪستان جو نالو روشن ٿيو آهي. هن چيو ته ٻوڏ متاثرن جي بحاليءَ ۾ گهرن جي ٻيهر تعمير لاءِ 42 هزار 565 ڳوٺن جي تعميرنو واريون ڪميٽيون قائم ڪيون ويون، جن ۾ عورتن جي 42 سيڪڙو نمائندگي يقيني بڻائي وئي آهي. متاثرن کي مالي امداد سڌيءَ ريت سندن بئنڪ اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي پئي وڃي. جي ٻيهر تعمير دنيا جو سڀ کان وڏو منصوبو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ ۾ 25 لک 10 هزار ماڻهن کي ٻوڏ کان تحفظ فراهم ڪيو ويو، جن ۾ 11 لک 70 هزار عورتون پڻ شامل آهن.

بقايا *** 21

بنيادي شهري سهولتن جي بهتري، رستن جي بحالي ۽ پاڻيءَ جي فراهميءَ واري نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ عملي قدم تيزيءَ سان کنيا پيا وڃن. پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي قيادت ۾ ڪراچيءَ جي ترقي ۽ شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ شروع ڪيل منصوبن مان اهو عزم ظاهر ٿئي ٿو ته شهر جي سمورن علائقن ۾ بنا ڪنهن فرق جي ترقياتي ڪم جاري رهن. سالن ڪانپوءِ نيشنل ايج گروپ سوئمنگ چيمپيئن شپ جو انعقاد هڪ اهم ۽ خوش آئند اڳڀرائي آهي جي مقابلا رڳو راندين جي سرگرمي ته، پر شهر ۾ جديد ۽ معياري راندين جي سهولتن جي بحاليءَ جو به ثبوت آهن. ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي ڪوششن سان جديد ترين سوئمنگ پول نظام فعال ڪيو ويو آهي. جنهن سان نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪرڻ ۽ قومي سطح جي مقابلن ۾ حصو وٺڻ جا بهتر موقعا مليا آهن. ڪراچي ميٽروپوليٽن ڪارپوريشن ۾ پيپلزپارٽيءَ جي پارلياماني اڳواڻ ڪرم الله وقاصي چيو ته ضلعي وچ ۾ اهم شاهراهه شادمان روڊ جي بحاليءَ جو ڪم به عوامي مطالبي تي جاري آهي. جيڪو نه ڪو ٽائون جي حدن ۾ اچي ٿو، پر شهرين جي ڪيترائين ۽ اڄ وڃ جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب ان جي بحاليءَ لاءِ قدم کنيا آهن.

بقايا *** 22

۽ عمر ۾ انتقال ڪري ويا سندس وفات سان ديني ۽ علمي حلقا هڪ بزرگ عالم دين، استاذ الحديث ۽ ڏگهي عرصي تائين تبليغي ۽ تدريسي خدمتون سرانجام ڏيندڙ شخصيت کان محروم ٿي ويا هن پنهنجي زندگي جو اڌ صدي کان وڌيڪ عرصو راءِ ونڊ مرڪز ۾ ديني تعليم ۽ تدريس ۽ دعوت ۽ تبليغ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو. مولانا نذرالرحمان 1929 ع ۾ ڳوٺ بلاول، ضلعي راولپنڊي ۾ پيدا ٿيا سندس والد حافظ غلام محي الدين هڪ ديندار شخصيت هئا. مولانا نذر الرحمان شروعاتي ديني تعليم مولانا عبدالخالق کان حاصل ڪئي، بعد ۾ مفتي عبدالحي قريشي ۽ دارالعلوم ربانيه پوئي گوٺ ۾ هن استفادو ڪيو. جڏهن ته اعليٰ تعليم مولانا فريد الدين قريشي کان حاصل ڪئي هن 1949 ع ۽ 1950 ع دوران مدرسه خادم العلوم النبوي، ڪنيال شيخان، گجرات ۾ شيخ الحديث مولانا سلطان محمود کان دوره حديث مڪمل ڪيو تعليم مان فراغت ڪانپوءِ 1950 ع کان 1955 ع تائين پنهنجي آبائي ڳوٺ جي مسجد ۾ امامت جا فرض سرانجام ڏنا بعد ۾ ٽيڪسلا، واهه ڪينٽ، جي اير ٽيڪسٽائيل ملز ڳوٺ حسو ۽ زڪريا مسجد راولپنڊي ۾ ديني خدمتون سرانجام ڏيندا رهيا 1971 ع ۾ سندس مقرري بطور مقيم ۽ مدرس مدرسه عربيه راءِ ونڊ مرڪز ۾ ٿي. جتي هن بخاري شريف سميت مختلف ديني علمن جي تدريس ڪئي ۽ ڏگهي عرصي تائين استاذ الحديث ۽ استاذ العلماء جي حيثيت سان خدمتون سرانجام ڏنيون حاجي عبدالوهاب جي وفات ڪانپوءِ نومبر 2018 ع ۾ عالمي تبليغي جماعت جو امير چونڊيو ويو، کان پوءِ به هو نائب امير جون ذميواريون نڀائي چڪو هو هن پنهنجي زندگي جي آخري ڏينهن تائين ديني ۽ دعوتي خدمتن جو سلسلو جاري رکيو.

بقايا *** 23

برداشت جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي خاص پيغام ۾ چيو آهي ته برداشت، احترام ۽ رواداري هڪ مضبوط ۽ پرامن سماج جو بنياد آهن ۽ اها رڳو هڪ رويو ناهي پر هڪ پرامن ۽ ترقي يافته معاشري جي اهم ضرورت آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته برداشت جو عالمي ڏينهن اسان کي ٻين جي عقيدن، نظرين ۽ ثقافتن جو احترام جو درس ڏئي ٿو ۽ اختلافن جي باوجود هڪ ٻئي جو احترام ڪرڻ ئي برداشت جو حقيقي مفهوم آهي. وڏي وزير چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي جتي هميشه محبت، امن ۽ ڀائيچاري جو درس ڏنو ويو آهي. سرزمين شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست ۽ لعل شهباز قلندر جي امن ۽ محبت جي پيغام جي امين آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي سرزمين هميشه مذهبي هم آهنگي، ثقافتي رنگارنگي ۽ رواداريءَ جي علامت رهي آهي ۽ هتان جي ثقافت اسان کي محبت، امن، ڀائيچاري ۽ انسانيت جو پيغام ڏئي ٿي. سيد مراد علي شاهه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته اسان کي مذهب، ٻولي، نسل ۽ ثقافت جي اختلافن کي ورهاست بدران پنهنجي طاقت بڻائڻو پوندو. جڏهن ته عدم برداشت، نفرت ۽ تعصب جي خاتمي لاءِ گڏيل ڪوششون اڻٽر آهن پنهنجي پيغام ۾ وڏي وزير سنڌ چيو ته پرامن، روادار ۽ متحد سماج جي جوڙجڪ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي ۽ نوجوان نسل ۾ برداشت، رواداري ۽ احترام جي سوچ کي هٿي ڏيڻ وقت جي ترجيح هئڻ گهرجي. هن واضح ڪيو ته پيپلز پارٽي جي حڪومت هر شهري جي وقار، برابر حقن، معاشرتي هم آهنگي، اقليتن جي حقن ۽ برابر موقعن جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي ۽ برداشت ۽ بين المذاهب هم آهنگي جي واڌاري ۾ پنهنجو ڪردار ڀرپور انداز ۾ ادا ڪري رهي آهي.

بقايا *** 24

ن ته 2 کان 5 ڪروڙ ماڻهو زخمي يا معذوري جو شڪار ٿي وڃن ٿا پاڪستان ۾ ٽريفڪ حادثن سبب هر سال هزارين قيمتي جانيون ضايع ٿي رهيون آهن عالمي اداري صحت جي تازي انگن اکرن ۾ روڊن تي حادثن جي سنگين صورتحال ۽ روڊ سيفٽي جي اثرائتي قدمن جي ضرورت کي اجاگر ڪري ڇڏيو آهي گڏيل قومن تحت 15 نومبر 2026 ع تي متاثرين ٽريفڪ حادثن جو عالمي يادگار ڏينهن ملهايو ويو هن موقعي تي عالمي اداري صحت جي تازي فيڪٽ شيٽ موجب ٽريفڪ حادثا دنيا ۾ انساني جانين لاءِ هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪا آهن اداري موجب پنج کان 29 سالن جي عمر جي ٻارن ۽ نوجوانن ۾ موت جو سڀ کان وڏو سبب روڊن تي پيش ايندڙ حادثا آهن رپورٽ موجب دنيا ۾ ٽريفڪ حادثن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ موتن جو 92 سيڪڙو حصو گهٽ ۽ وچولي آمدني وارن ملڪن ۾ ٿئي ٿو، جيتوڻيڪ دنيا جون لڳ ڀڳ 60 سيڪڙو گاڏيون انهن ئي ملڪن ۾ موجود آهن عالمي اداري صحت جي پاڪستان سان لاڳاپيل روڊ سيفٽي رپورٽ 2023 ع موجب ملڪ ۾ 2021 ع دوران سرڪاري طور تي 5 هزار 816 ٽريفڪ حادثن ۾ موتون رپورٽ ٿيون. جڏهن ته اداري ساڳئي سال حادثن سبب فوت ٿيندڙن جو انگ 27 هزار 568 هجڻ جو اندازو لڳايو رپورٽ ۾ هن انگ جي ممڪن حد 23 هزار 854 کان 31 هزار 282 ٻڌائي وئي آهي سرڪاري انگن ۽ عالمي اندازي ۾ نمايان فرق حادثن جي صحيح رپورٽنگ ۽ انگن اکرن گڏ ڪرڻ واري نظام کي بهتر بڻائڻ جي ضرورت ظاهر ڪري ٿو ماهرن موجب تيز رفتاري، ڊرائيونگ دوران موبائل فون جو استعمال، ٽريفڪ قانونن جي خلاف ورزي، گهٽ عمر جي ڊرائيونگ، موٽر سائيڪل سوارن جو هيلمٽ استعمال نه ڪرڻ، گاڏين جون فني خرابيون، ناقص روڊ، غير محتاط اوورٽيڪنگ ۽ ٿڪاوٽ ٽريفڪ حادثن جا اهم سبب آهن عالمي اداري صحت موجب معياري هيلمٽ جو صحيح استعمال موٽر سائيڪل حادثي جي صورت ۾ موت جو خطرو ڇهه سيڪڙو کان وڌيڪ گهٽائي سگهي ٿو. جڏهن ته سيٽ بيلٽ جي استعمال سان حادثي جي خطري ۾ 74 سيڪڙو تائين گهٽتائي اچي ٿي ساڳئي طرح سيٽ بيلٽ جو استعمال گاڏي ۾ سوار ماڻهن جي موت جو خطرو 50 سيڪڙو تائين گهٽائي سگهي ٿو رپورٽ ۾ ڊرائيونگ دوران موبائل فون استعمال ڪندڙ ڊرائيورن جي حادثي جو شڪار ٿيڻ جو امڪان ٻين ڊرائيورن جي مقابلي ۾ لڳ ڀڳ چار ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي. جڏهن ته گاڏي جي سراسري رفتار ۾ هڪ سيڪڙو واڌ سان جان ليوا حادثن جو خطرو لڳ ڀڳ چار سيڪڙو وڌي ويندو آهي متاثرين ٽريفڪ حادثن جو عالمي يادگار ڏينهن ملهائڻ جي شروعات برطانيه جي تنظيم روڊ پيس 1993 ع ۾ ڪئي هئي. جڏهن ته گڏيل قومن 2005 ع ۾ جنرل اسيمبلي جي قرارداد 60/5 ذريعي هن ڏينهن کي عالمي سطح تي ملهائڻ جي تصديق ڪئي هي ڏينهن هر سال نومبر جي ٽئين آچر تي ملهايو ويندو آهي ان جو مقصد حادثن ۾ فوت ٿيندڙن کي ياد ڪرڻ سان گڏ زخمين، انهن جي خاندانن ۽ امدادي ڪارروائي ۽ طبي عملي جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ به آهي گڏيل قومن 2021 ع کان 2030 ع تائين روڊ سيفٽي جي ڏهاڪي عمل جو هدف مقرر ڪيو آهي. جنهن تحت 2030 ع تائين دنيا ۾ ٽريفڪ حادثن جي نتيجي ۾ ٿيندڙ موتن ۽ سخت زخمين جي انگ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو گهٽتائي آڻڻ جو عزم ڪيو ويو آهي عالمي اداري صحت موجب 2011 ع کان 2025 ع دوران عالمي سطح تي روڊن تي ٿيندڙ موتن جي شرح ۾ 21 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. جڏهن ته ساليانو 11 لک 60 هزار ماڻهن جون هلاڪتون اثرائتي قدمن جي ضرورت ظاهر ڪن ٿيون.

بقايا *** 25

سوال جو جواب ڏيندي چيو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ۾ اخلاقي جرئت آهي ته هو استعفيٰ ڏئي. چيئرمين پي ٽي آءِ بئرسٽر گوهر سان گڏ ميڊيا سان ڳالهائيندي لطيف کوسه چيو ته منظور نظر هوندا آهن جيڪي ميڊيا تي ايندا رهندا آهن. مان ته ان تي ناهيان ايندو هن موقعي تي ڳالهائيندي بئرسٽر گوهر چيو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي جي حد تائين پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ اسان جي ڪيسن تي بندش ٿيندي، اسان کي ڌر بڻائڻ واري درخواست منظور ڪئي وئي آهي هن چيو ته گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي کانسواءِ آرٽيڪل 199 تحت ڪيس پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ هلندا.

بقايا *** 26

۽ غذائي تحفظ ۽ ڊجيٽل معيشت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ 2030 ع تائين 13 ارب ڊالر جي سرڪاري ۽ نجي سيڙپڪاري متحرڪ ڪرڻ لاءِ 2 نون قدمن جو اعلان ڪيو آهي. اي ڊي بي جي صدر ماساتو ڪاندا اهو اعلان منيلا ۾ آسيان بزنس اينڊ انويسٽمنٽ سمٽ کي خطاب ڪندي ڪيو، جيڪو 49 هين آسيان سربراهي اجلاس ۽ ان سان لاڳاپيل اجلاسن جي موقعي تي

بقايا *** 27

سنڌ پريزن اينڊ ڪريڪشن سروسز رولز 2019 ع جي رول 670 تي سختي سان عملدرآمد ڪيو وڃي. اهي هدايتون اوباڙو ۾ عدالتي احاطي مان ٻن جوابدارن جي فرار ٿيڻ واري واقعي جي روشني ۾ جاري ڪيون ويون آهن سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ميمبر انسپيڪشن ٽيم ٽو (ايم آءِ ٽي ٽو) محمد جهانگير خان طرفان جاري ڪيل پيغام ۾ ٻڌايو ويو آهي ته چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حوالي سان باقاعده حڪم جاري ڪيا آهن پيغام موجب سنڌ ۾ جي سمورن ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ججز کي پابند ڪيو ويو آهي ته هو لاڳاپيل جيل قانون جي سختي سان پابندي ڪن ۽ ٽرائل هيٺ قيدين کي عدالتن ۾ جسماني طور پيش ڪرڻ بدران وڊيو لنڪ ذريعي پيش ڪرڻ جو انتظام يقيني بڻائين پيغام ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته جاري ڪيل حڪمن تي عملدرآمد لازمي هوندو ۽ سمورا لاڳاپيل عدالتي آفيسر سنڌ پريزن اينڊ ڪريڪشن سروسز رولز 2019 ع جي رول 670 جي پابندي يقيني بڻائيندا

بقايا *** 28

ن ۽ لاڳاپيل اختيارين کي انهن جي فوري ۽ اثرائتي حل لاءِ ضروري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي صوبائي وزير چيو ته عوام جي درپيش مسئلن جو بروقت ازالو ڪرڻ ۽ کين رليف فراهم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي. هن لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته عوامي شڪايتن تي فوري ڌيان ڏنو وڃي ۽ سرڪاري معاملن جي انجام ڏيڻ ۾ ٿيندڙ غير ضروري رڪاوٽن کي ختم ڪيو وڃي. جام اڪرام الله ڌاريجو چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن ۾ صنعتي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ، سيڙپڪاريءَ لاءِ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ ۽ نوجوانن سميت عوام لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ حڪومت جي اهم ترجيحن جو حصو آهي. هن چيو ته صوبي ۾ صنعتن جي واڌاري، صنعتي زونن جي ترقي، سيڙپڪارن کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ موجوده صنعتي ادارن جي درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل منظم قدم کڻڻ انتهائي ضروري آهن صنعتي ترقي نه رڳو صوبي جي معيشت کي مضبوط بڻائي ٿي، پر روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪري عوام جي زندگي جو معيار بهتر بڻائڻ ۾ پڻ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. صوبائي وزير عزم جو اظهار ڪيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ صوبي ۾ صنعتي سرگرمين ۾ واڌارو، واپاري ۽ ڪاروباري طبقي کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ جو سلسلو جاري رکيو ويندو. هنوفدکيئينڊاريوتهسندنجائزمسئلنجيحل لاءِ لاڳاپيل کاتن کي ضروري هدايتون ڏنيون ويون آهن ۽ انهن مسئلن جي حل بابت اڳڀرائي کي پڻ يقيني بڻايو ويندو.

بقايا *** 29

ش ڪري رهيو آهي. سنڌ جون سموريون يونيورسٽيون حڪومت لاءِ هڪ جهڙي اهميت رکن ٿيون ۽ ڪنهن به هڪ شهر يا علائقي کي ترجيح نٿي ڏني وڃي. محمد اسماعيل راهو چيو ته ڪراچي به اسان لاءِ اوترو ئي اهم آهي جيترا سنڌ جا ٻيا شهر ۽ ضلعا. ڪنهن به نسل، ذات، ٻولي يا مذهب جي بنياد تي ڪو به فرق ناهي ڪيو پيو وڃي. سنڌ حڪومت جي پاليسي سڀني لاءِ هڪ جهڙي آهي. سنڌ جا سمورا ڊويزن ۽ ضلعا برابر آهن ۽ ڪنهن به علائقي سان امتيازي سلوڪ نٿو ڪيو وڃي. هن چيو ته يونيورسٽين ۾ داخلائن جو عمل خالص ميرٽ، شفافيت ۽ لاڳاپيل قاعدن ۽ ضابطن موجب ٿيندو آهي. ڪنهن مخصوص نسل يا ٻولي لاءِ ڪا ڪوٽا مختص ناهي ۽ نه ئي آهي. ڪراچي يونيورسٽي جي داخلا پاليسي ڪنهن به علائقي جي شاگردن لاءِ دروازا بند نٿي ڪري. يونيورسٽين واري وزير چيو ته سنڌ جا سمورا شاگرد اسان لاءِ برابر آهن. پوءِ ڀلي انهن جو تعلق ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻي، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد يا ڪنهن به ٻئي ضلعي سان هجي. حڪومت جي پهرين ترجيح اعليٰ تعليم جو فروغ، يونيورسٽين کي مستحڪم ڪرڻ ۽ شاگردن کي بهتر تعليمي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. اسماعيل راهو چيو ته تعليم جهڙي اهم شعبي کي سياسي پوائنٽ اسڪورنگ بدران سنجيده ۽ هاڪاري تجويزن جي ضرورت آهي. ايم ڪيو ايم پنهنجي اقتدار واري دور ۾ يونيورسٽين سان جيڪو سلوڪ ڪيو ۽ اعليٰ تعليمي ادارن کي جنهن صورتحال مان گذرڻو پيو، اهو ڪنهن کان لڪيل ناهي. هن چيو ته ايم ڪيو ايم اڄ يونيورسٽين ۽ تعليمي نظام تي سوال اٿارڻ کان پهرين پنهنجي اقتدار واري دور جي ڪارڪردگي ۽ قدمن جو حساب ڏئي. علي خورشيدي پاران يونيورسٽي بابت ڪيل تنقيد ڪرڻ بدران پنهنجي جماعت جي ماضي جو جائزو وٺي ۽ ٻڌائي ته سندن دور ۾ يونيورسٽين ۽ شاگردن لاءِ ڪهڙا عملي قدم کنيا ويا هئا. صوبائي وزير چيو ته علي خورشيدي حقيقتن جي بنياد تي ڳالهه ڪن ۽ شاگردن جي مستقبل کي سياسي بيانن جي نذر نه ڪن. سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي هاڪاري تجويزن ۽ اصلاحي تنقيد جي آجيان ڪري ٿي.

بقايا *** 30

ام ۾ پاڪستان ڪانفرنس کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف جي صلاحڪار رانا ثناءُ الله چيو ته وزيراعظم ۽ عسڪري قيادت پاڪستان جو مثبت تاثر اجاگر ڪيو آهي، جنهن بعد پاڪستان کي عالمي سطح تي عزت ۽ احترام جي نگاهه سان ڏٺو پيو وڃي. هن چيو ته تحفظ حرمين شريفين لاءِ پوري قوم متحد آهي. مڪ معاهدو حرمين شريفين ۽ پاڪستان جي گڏيل دفاع جي علامت آهي، وفاقي مذهبي معاملن واري وزير سردار محمد يوسف خطاب ڪندي چيو ته وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل پاڪستان جو پرامن تاثر اجاگر ڪيو آهي ۽ دنيا اها ڳالهه مڃي آهي ته پاڪستان امن جو داعي ملڪ آهي. هن چيو ته سفارتي محاذ تي پاڪستان جون ڪاميابيون قابل فخر آهن ۽ امن لاءِ پاڪستان جون سفارتي ڪوششون دنيا لاءِ مثال آهن. رانا ثناءُ الله وڌيڪ چيو ته دفاع حرمين شريفين تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو ويندو، استحڪام پاڪستان ۽ تحفظ حرمين شريفين لازم ملزوم آهن. مرڪزي جمعيت اهلحديث جي امير حافظ عبدالڪريم خطاب ڪندي چيو ته حرمين شريفين جو تحفظ هر مسلمان جي ايمان جو حصو آهي. سعودي عرب اسان جي ريڊ لائين آهي. هن حوثي مليشيا جي حملن جي مذمت ڪندي چيو ته مڪ معاهدي ۽ ايران _ آمريڪا تڪرار گهٽائڻ ۾ پاڪستان جو ڪردار قابل تحسين آهي.

بقايا *** 31

ي سفر دوران هڪ مسافر جي طبيعت اوچتو خراب ٿيڻ تي ڪراچي ايئرپورٽ تي هنگامي لينڊنگ ڪرائي پئي ذريعن موجب اڏام پي ڪي ۾ سوار 75 ورهين جي مسافر کي دوران پرواز دل جو دورو پيو. جنهن تي پائلٽ فوري طور تي جهاز جو رخ ڪراچي طرف موڙي ڇڏيو ۽ ڪراچي ايئرپورٽ تي ميڊيڪل ايمرجنسي لينڊنگ ڪئي پاڪستان ايئرپورٽ اٿارٽي جي ميڊيڪل ٽيم ايئرپورٽ تي مسافر کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي. ايئرپورٽ تي مسافر کي طبيعت خراب ٿيڻ سبب وڌيڪ علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪانپوءِ پي آءِ اي جي اڏام ٻين مسافرن سان گڏ پنهنجي منزل لاهور لاءِ ٻيهر روانو ٿي وئي.

بقايا *** 32

ل منتقل ڪرڻ جي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي وئي. بشريٰ بي بي جي لطيف کوسه ۽ بئرسٽر سلمان صفدر ذريعي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رجوع ڪري ورتو درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي ته بشريٰ بي بي جو مڪمل طبي رڪارڊ عدالت جي روبرو پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. طبي ۽ سرجري لاءِ سموريون سهولتون بروقت فراهم ڪيون وڃن، ضروري نگهداشت ۽ علاج جي غرض سان فوري طور تي ڪنهن مستند اسپيشلائيزڊ اسپتال منتقل ڪرڻ جو انتظام ڪيو وڃي درخواستگذار موجب 10 نومبر جي ملاقات ۾ باني بشريٰ بي بي جي صحت جي سنگيني بابت ٻڌايو. بشريٰ بي بي 15 نومبر تي ممڪن آهي جي سرجري بابت ۾ آگاهه ڪيو. بشريٰ بي بي کي ڏسڻ ۾ مشڪلاتن جو منهن ڏسڻو پيو. بشريٰ بي بي کي اک ۾ تڪليف جو به منهن ڏسڻو پيو آهي درخواست ۾ موقف اختيار ڪيو ته اکين ۾ تڪليف جي شڪايت جي ست کان اٺ ڏينهن ڪانپوءِ ڊاڪٽر طبي معائنو ڪيو. طبي معائني موجب ڊاڪٽر ٻڌايو ته بشريٰ بي بي کي فوري سرجري جي ضرورت آهي. بشريٰ بي بي کي ٻڌايو ويو ته سرجري سان اک جي بينائي وڃي سگهي ٿي.

بقايا *** 33

ت سيد اصغر علي شاهه المعروف سخي جام ڏاتار جو ٽن ڏينهن وارو 755 هون ساليانو عرس مبارڪ شروع ٿي ويو آهي. افتتاحي تقريب ۾ صوبائي سيڪريٽري اوقاف آغا فخر حسين، ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊويزن غلام قادر خان ٿالپر ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد عبدالصمد نظاماڻي، درگاهه جي سجاده نشين فقير نويد حسين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ضلعي صدر محمد سالم زرداري سميت ٻين شخصيتن شرڪت ڪئي. تقريبن جي باقاعده افتتاح مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ڪيو ويو.

بقايا *** 34

ته هو بي تاب آهن ته هنن کان استعفيٰ ورتي وڃي ته جيئن هو ڪراچي ۾ وڌيڪ وقت گذاري نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام لاءِ مهم هلائي سگهن. خصوصي ڳالهه ٻولهه ڪندي مصطفيٰ ڪمال چيو ته جيڪڏهن هنن کان استعفيٰ ورتي وڃي ٿي ته هو پهريان ڪراچي ۾ ٽي ڏينهن، جمعو، ڇنڇر ۽ آچر گذاريندا، بعد ۾ ستن ڏينهن تائين شهر ۾ رهي مهم هلائيندا هنن موجب عوام هاڻي باشعور ٿي چڪا آهن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام، خاص طور تي سنڌ ۾ نون انتظامي يونٽن جي ضرورت محسوس ڪري رهيا آهن هن چيو ته وزارت جي ذميوارين سبب هنن کي هن مهم لاءِ وڌيڪ وقت نٿو ملي هن جو خيال آهي ته ڊسمبر ۾ نون صوبن جي قيام بابت ريفرنڊم جي ڳالهه اڳتي وڌي سگهي ٿي. تنهن هوندي به هن واضح ڪيو ته هن کي ڪنهن طرفان باضابطه طور تي ڊسمبر جي تاريخ يا شيڊول بابت آگاهه نه ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 01

چيئرمين محمد عيسيٰ هيجب، يوسي چليا جي چيئرمين عبدالغفار خاصخيلي، يوسي فقير جي ڳوٺ جي چيئرمين محمد بخش بروهي، سابق وائيس چيئرمين يوسي چتوچنڊ محمد انور بروهي، غازي حسنين، سعود شاهاڻي، شفقت بروهي، گل حسن ملاح، امجد علي شيخ، صحافي محمد ايوب ملاح، سماجي اڳواڻ عاشق علي جاکرو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه ڳالهائيندي چيو ته BHU سينٽر چتوچنڊ اڳيان صفائي سترائي سميت گٽرن جي گندي پاڻي جي بيهڻ ڪري اسپتال اينڊز مريضن سميت علائقي واسين کي سخت مشڪلاتون پيش اچڻ سميت مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي، جڏهن ته برساتون پوڻ بعد اسپتال ۾ 2 کان 3 فوٽ پاڻي بيهجي وڃي ٿو، ان وقت به مريضن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي ٿو، ان ڪري هتي آيل سمورا يوسي چيئرمين پنهنجي وس آهر ٽٽل گٽرن جو ناليون درست ڪرائي گٽرن جي گندي پاڻي جو نيڪال ڪرائي صفائي، سترائي ڪرائي وڃي، جيئن اسپتال جو عملو، ڊاڪٽر توڙي مريض وڌيڪ پريشاني کان بچي سگهن. ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه وڌيڪ چيو ته اسان وڏيون ڪوششون وٺي هن اسپتال کي اپ گريڊ ڪرائي بهتر حالت ۾ آندو آهي، جتي عورتن جي ڊليوري، فيملي پلاننگ، دوائن سميت سموريون گهربل سهولتون موجود آهن. ان موقعي تي يوسي چتوچنڊ جي چيئرمين محمد عيسيٰ هيجب، يوسي چليا جي چيئرمين عبدالغفار خاصخيلي ۽ يوسي فقير ڳوٺ جي چيئرمين محمد بخش بروهي گڏجاڻي ۾ ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه کي خاطري ڪرائي ته هو وس آهر صفائي سترائي ڪرائي گندگي جو آزار ختم ڪرايو ويندو. گڏجاڻي ۾ شريڪ سمورن ماڻهن هرممڪن مدد ۽ سهڪار ڪرڻ جي خاطري ڪرائيندي چيو ته هو اسپتال جي بهتري توڙي صفائي، سترائي لاءِ هر ممڪن ڪم ڪندا رهندا، جنهن سان اسپتال کي فائدو پهچي. ان موقعي تي ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه سميت سمورن گڏجاڻي ۾ شريڪ ماڻهن پاران يوسي چيئرمينن محمد عيسي هيجب، عبدالغفار خاصخيلي ۽ محمد بخش بروهي سان گڏ اسپتال جي گيٽ آڏو گڏ ٿيل گٽرن جي گندي پاڻي توڙي گڏ ٿيل گند ڪچري جو جائزو ورتو، ان موقعي تي يوسي چيئرمينن خاطري ڪرائي ته گندگي کي فورن هٽائي صفائي سترائي ڪرائي گندگي جو آزار ختم ڪرايو ويندي، جيئن شهري توڙي ڳوٺاڻا پريشاني کان بچي سگهن.

بقايا عوامي سوچ 02

ان ٽائين ڪيس زال واپس ناهي ملي سگهي هن الزام هڻندي چيو ته سندس سهرو لالچي ۽ نشائي آهي هن منهنجي زال کي سڄاول مان وٺي ڳاڙهي شهر ڏانهن سندس چاچن حوالي ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي حيات هٿيار ڏاهيندي چيو ته مونکان بلاجواز سهري زال کسي وڏو ظلم ڪري منهنجو گهر ڦٽايو آهي هن سلسلي ۾ حيات هٿيار جي سس مسمات اميران جو چوڻ آهي ته سندس مڙس منٺار خاصخيلي لالچي ماڻهو آهي منهنجي ڌيءَ حيات کان کسي ٻين کي ڏيڻ ٿوچاهي هن تصديق ڪئي حيات هٿيار سان وڏو ظالم ٿيو آهي ان سان انصاف ٿيڻ گهرجي احتجاج ڪندڙ آئي جي سنڌ ايس ايس پي سڄاول ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪري منهنجي سهري منٺار خاصخيلي خلاف ڪاروائي ڪري مونسان انصاف ڪري زال واپس ڏياري وڃي

بقايا عوامي سوچ 03

ي ترڪي ڪالوني ۾ ٽيلر جي ٽڪر سبب ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي ڪيمرامين حاجن نوتيار جو معصوم پائيٽو سمير فوت ٿي ويو، جنهن سبب وارثن جي گهر ۾ ڪهرام ۽ علائقي ۾ سوڳ جي فضا ڇانيل آهي. افسوسناڪ واقعي کي وقت گذرڻ باوجود مبينا جوابدار ٽيلر ڊرائيور جي گرفتاري عمل ۾ نه اچڻ تي پوليس ۽ ضلعي انتظاميه جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي رهيا آهن. ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي اڳواڻن ۽ شهرين جو چوڻ آهي ته روڊ حادثن ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ باوجود ذميوارن خلاف بروقت قانوني ڪارروائي نه ٿيڻ ڳڻتيءَ جوڳو عمل آهي. ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي اڳواڻن نظير احمد قريشي، علي اڪبر دلواڻي، نواب شفيق عابداڻي، انيس هيلايو، نثار احمد گندرو، ارشاد عمر گندرو، لالا شعيب پٺاڻ، زاهد شيخ، عبدالحميد چند، شير علي شاهه ڪاظمي، موسيٰ سبز پوش، حيدر پٽي، حيدر شورو، شاهزيب شيخ، شهريار صديق، قربان مگسي، عزيز شيخ، واحد شورو، جنيد احمد پيرزادو ۽ ثاقب پٽي، حاهن نوتيار،ايوب درس ،جهانگير دلواڻيءَ ٻين ايس ايس پي ٺٽو کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي جوابدار ڊرائيور کي گرفتار ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي. ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي سموري سٽ پاران معصوم سمير جي وڇوڙي تي ڏکويل خاندان سان دلي تعزيت ۽ همدرديءَ جو اظهار ڪندي دعا ڪئي وئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري. آمين

بقايا عوامي سوچ 04

ٿس ٽينڊڙ حملن خلاف جهمپير ٿاڻي تي پهچي ڌمڪيون ڏيندڙ اميربخش جاکرو ۽ سومار جاکرو خلاف اين سي داخل ڪرائي صُحافين وٽ پهچي ڏانهيندي سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو چيو ته 7.4.2024 تي سنڌن ئي ڳوٺ جي رهواسي ٻن ڄڻن سومار جاکرو ۽ سندس پاڻي اميربخش جاکرو ڪانئنس 4 لک 30 هزار روپيه ڪيش رقم اوڌارا ورتا ۽ چيو ته جلد ڪيس ورتل رقم واپس ڪرائي ويندي. پر 2 سال گذرڻ باوجود ڪيس پنهنجو وهنوار ملي ناهي سگهيو، هن چيو ته وهنوار گهرڻ تي مزڪور ماڻهون مونکي پنهنجو وهنوار ڏيڻ بجاءِ موتمار ڌمڪيون ڏيئي حملا ڪري وڌيڪ نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، جن جي زيادتين توڙي ڪيس نه ملندڙ وهنوار جون ڏانهون برادري جي معززين سميت علائقي واسين کي ڏنيون اٿم، پر مونکي وهنوار ملي ناهي سگهيو. جنهن ڪري مجبور ٿي جهمپير ٿاڻي تي سومار جاکرو ۽ اميربخش بخش جاکرو خلاف اين سي داخل ڪرائي آهي، هن چيو ته ان ڪانسواءِ بروڪر اشوڪ ڪمار تي پڻ ادائي ڪان 3 لک روپيه رهيل آهن. جيڪو پڻ ڏيڻ لاءِ تيار ناهي. ڪوهستاني انور جاکرو چيو ته هاڻي ڪيس قرضين سخت تنگ ڪيو آهي ۽ هو پاڻ به بيمار رهي ٿو. هن ايس ايس پي ٺٽو سميت سمورن وس وارن کان گهر ڪئي ته ڪيس پنهنجو وهنوار امير بخش جاکرو، سومار جاکرو ۽ اشوڪ ڪمار کان واپس ڏياري پريشاني کان بچائي ڪيس تحفظ مهيا ڪيو وڃي، ٻئي صورت ۾ سخت حتجاج ڪيو ويندو.س

بقايا عوامي سوچ 05

يارنهن چور داخل ٿي ڏيڍ تولو سون، 2 لک روپيا روڪ رقم ۽ هڪ سمارٽ فون چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا، متاثر خاندان موجب واقعي وقت هو فوتگيءَ تي ويل هئا، جڏهن گهر واپس پهتا ته چار ڄڻا چوري ڪري رهيا هئا، جن ڪين ڏسندي ئي فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، ان دوران هڪ جوابدار کي سڃاڻي ورتو، جنهن مٿن هٿيار سڌا ڪيا، جنهن سبب هو مزاحمت ڪرڻ بدران خاموش رهيا، هنن ٻڌايو ته چار ڏينهن اڳ گهر ۾ چوري ڪندڙ جوابدارن مان منور سومرو کي سڃاڻڻ بعد پڪڙي دادو بي سيڪشن پوليس حوالي ڪيو ويو، جڏهن ته غلام مجتبيٰ جتوئي جي فرياد تي دادو بي سيڪشن ٿاڻي تي ڏوهه نمبر 176/26 تحت چئن ڄڻن خلاف چوري جو ڪيس پڻ داخل ڪرايو ويو آهي، پر افسوس جو پوليس اڃا تائين باقي ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم نه کنيا آهن. متاثرن الزام لڳايو ته دادو بي سيڪشن ٿاڻي جو ايس ايچ او مظهر نائچ ۽ سندس عملو جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ بدران ڪين ئي چون ٿا ته باقي ٽي جوابدار پاڻ پڪڙي ڏيو، هنن سوال اٿاريو ته ڇا هاڻي شريف شهري پنهنجو ڪاروبار ڪن يا پوليس جي جاءِ تي چورن کي پڪڙي حوالي ڪن؟ هنن چيو ته پوليس کي باقي ٽن جوابدارن جا نالا به ڏنا آهن، پر جاچ ۽ گرفتاري ڪرڻ بدران خرچ گهريو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته گذريل 15 ڏينهن کان بي سيڪشن ٿاڻي جا چڪر ڪاٽي ٿڪجي پيا آهيون. ڪيترائي ڀيرا ايس ايچ او مظهر نائچ ۽ وڏي منشي سان ملاقات ڪئي آهي، پر هر ڀيري اهو چئي ڪين واپس ڪيو وڃي ٿو ته ٻين ڪيسن ۾ مصروف آهيون، صبر ڪيو، جوابدار گرفتار ڪيا ويندا. پريس ڪانفرنس ڪندڙ متاثر خاندان آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته گهر مان ٿيل چوريءَ جو فوري نوٽيس وٺي باقي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، چوري ٿيل ڏيڍ تولو سون، 2 لک روپيا ۽ موبائيل فون واپس ڪرائي ڪين انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ احتجاج ڪرڻ سان گڏ عدالت جو در کڙڪايو ويندو.

بقايا عوامي سوچ 06

واڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ عبدالمجيد پنهور، ايمان پيرزادو، منير ملاح، عبدالستار ملاح، اسرار پنهور، مرتضيٰ پٽو، راجا ڪوڪر، فوجي جتوئي سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت ڪئي. مظاهرين بينظير پارڪ کان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي جي صورت ۾ دادو پريس ڪلب پهتا. جتي متاثر نياڻي آمنه رند کي انصاف ڏيارڻ ۽ معاملي ۾ گهربل پيءُ جوابدار علي نواز رند جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪندي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين مطالبو ڪيو ته آمنه رند جي معاملي ۾ گهربل جوابدار سندس پيءُ علي نواز رند کي بنا دير گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، جيئن متاثر نياڻي کي انصاف ملي سگهي، هنن چيو ته واقعي کي 8 ڏينهن گذري چڪا آهن. پر سنڌن چوڻ موجب گهربل جوابدار اڃا تائين گرفتار نه ٿي سگهيو آهي، جنهن سبب متاثر ڌر ۾ بيچيني ۽ ڳڻتي پکڙيل آهي. مظاهرين حڪومت سنڌ ۽ صوبائي گهرو وزير کان مطالبو ڪيو ته آمنه رند واري معاملي جو فوري نوٽيس وٺي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو وڃي ۽ واقعي ۾ ملوث سمورن ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته متاثر نياڻي کي انصاف فراهم ڪرڻ رياست ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ذميواري آهي. تنهن ڪري معاملي کي نظرانداز ڪرڻ بدران ترت قدم کڻي آمنه رند کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي. مظاهرين مطالبو ڪيو ته جيستائين متاثر نياڻي کي انصاف نه ملندو، تيستائين هو آواز اٿاريندا رهندا.

بقايا عوامي سوچ 07

سائنسي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ جديد سائنسي ماڊلز ذريعي شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو. استادن بابو هنگورو، شبير حاجاڻو، ٽائون ڪاميٽي اوڏيرولال اسٽيشن جي چيئرمين محمد قاسم ابڙو سميت معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي مهمانن شاگردن ۽ شاگردياڻين پاران تيار ڪيل سائنسي ماڊلز ۽ تخليقي منصوبن جو جائزو ورتو ۽ سنڌن صلاحيتن کي ساراهيو ويو. جڏهن ته سائنسي ميلي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو

بقايا عوامي سوچ 08

يٽ ڪامريڊ لڪاڏنو ٻهراڻيءَ جي ڏهين ورسيءَ جي مناسبت سان سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاڪو،مزاحمتي شاعر ۽ پٽائيءَ جي پارڪو ڊاڪٽر محمد مارو خشڪ،علمي ادبي شخصيت استاد محمد بخش ٻهراڻي، تعليم دوست محمد حسن رند،سنڌ سجاڳ سماجي تنظيم جي صدر محمد ابراهيم هيجب،قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ممتاز علي شيخ،ينگ ٽيچرس ايسوسيئيشن ضلعي ٺٽي جي صدر بشير احمد جوکيو،ساٿوڻ برفت ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ سندس آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهڻ بعد ڪيس عظمت پري پيتا پيش ڪندي ڪيون،هنن وڌيڪ چيو ته ڪامريڊ لڪاڏنو ٻهراڻيءَ اتساهه ۽ همٿون پيدا ڪندڙ انقلابي انسان هيو جنهن مايوس ماڻهن ۾ ذهنن زنگيءَ سان پيار ۽ منزل جي حاصلات لاءِ جدوجهد جو اتساهه پيدا ڪيو،لڪاڏنو ٻهراڻيءَ عوامي تحريڪ جي قائد رسول بخش پليجو جو ويجهو ساٿي ۽ پارٽيءَ جو مرڪزي اڳواڻ رهيو سنڌس تنظيم لاءِ ڪيل خدمتون پڻ تاريخ جو فخر لائق حصو آهن.ساجاهه وندن وڌيڪ چيو ته ڪامريڊ لڪاڏنو ٻهراڻيءَ مايوءَ جا قول ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو جيڪو پڻ سنڌس ڪارائتو ادبي ۽ سياسي پورهيو آهي. اڳواڻن سنڌ ڪلچرل فورم پاران مختلف وقتن تي پنهنجي فخر لائق ڪردارن کي ياد ڪرڻ واري عمل کي ساراهيندي چيو ته اسان سمورن ماڻهن کي به گهرجي ته پنهنجي عظيم ڪردارن کي ياد ڪندا رهون.ان موقعي تي ٻين کان علاوه لطيف صادق لاڪو،استاد صدام حسين خاصخيلي،منصور ٻهراڻي پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 09

ت پاران بيرسٽر ويرم خان مهر جو پرتپاڪ استقبال ڪندي ڪيس پليڪار ڪيو ويو، ملاقات دوران موجود دوستن پاران بيرسٽر ويرم خان مهر سان خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ڪئي وئي، جڏهن ته باهمي دلچسپي جي مختلف معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ پڻ ڪئي وئي، ان موقعي تي امين راجپوت،ڪاشف بندهاڻي، ارشد ملڪ، ياسر ملڪ ۽ ٻيا دوست پڻ موجود هئا.بندهاڻي هائوس تي ٿيل ملاقات دوران دوستن وچ ۾ خوشگوار ماحول قائم رهيو ۽ هڪ ٻئي سان محبت، احترام ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪيو ويو. بيرسٽر ويرم خان مهر جي آمد تي ميزبانن پاران سندس آجيان ڪئي وئي، جڏهن ته ملاقات کي دوستانه ۽ خوشگوار ماحول ۾ يادگار بڻايو ويو.

بقايا عوامي سوچ 10

ي ٻن ڄڻن کان موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا تفصيل موجب عبدالحميد راڄڙ پنهنجي سئوٽ اياز علي سان گڏ وڃي رهيو هو ته ماشا پمپ لڳ ٽن نامعلوم هٿياربندن ڪين روڪي هٿيارن جي زور تي 2026 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا. واقعي بعد متاثرن جو چوڻ هو ته ڦرواري واقعي بابت صالح پٽ ٿاڻي تي اطلاع ڏنو آهي، پوليس اختيارين کان مطالبو آهي ته فوري ڪارروائي ڪري ڦريل موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون واپس ڪرايا وڃن. هوڏانهن علائقي واسين ڏينهن ڏٺي اهڙي ڦرجي واردات تي سخت ڳڻتيءَ جو اظهار ڪندي ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو فوري نوٽيس وٺي نامعلوم ڦورن کي گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

جي سپلائي ناڪام، افغان ڪيمپ چوڪي انچارج صلابت ۽ ٽيم جي بهادري کي خراج تحسين ڪراچي: ڊسٽرڪٽ ويسٽ پوليس منشيات فروشن خلاف وڏي ۽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي ڪروڙين رپين ماليت جي چرس جي سپلائي ناڪام بڻائي ڇڏي. ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ۽ ايس ايچ او گلشن معمار جي حڪمن تي افغان ڪيمپ چوڪي انچارج صلاحهت ۽ سندس ٽيم افغان ڪيمپ ويجهو خفيه اطلاع تي ڪارروائي ڪئي. پوليس ٽيم وڏي بهادري ۽ حڪمت عملي سان ويگو ڊالي کي روڪيو، جنهن جي خفيه خاني مان 180 پيڪٽ چرس هٿ ڪئي وئي. هر پيڪٽ جو وزن 1200 گرام هو. اهڙي طرح مجموعي طور تي 2,16,000 گرام يعني 216 ڪلو چرس هٿ ڪئي وئي. ان دوران جوابدار اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو. ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هٿ ڪيل چرس جي ماليت عالمي مارڪيٽ ۾ ڪروڙين رپيا ٿئي ٿي. هن چيو ته منشيات نوجوان نسل جي تباهي آهي، ان خلاف جنگ هر صورت ۾ جاري رهندي. ايس ايس پي ويسٽ وڌيڪ چيو ته فرار جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪري ورتو ويو آهي ۽ سندس گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. جلد جوابدار قانون جي گرفت ۾ هوندو. ان موقعي تي ايس ايس پي ويسٽ افغان ڪيمپ چوڪي انچارج صلابت ۽ سندس پوري ٽيم جي بهادري، فرض شناسي ۽ بروقت ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته اهڙي بهادر ۽ ايماندار ٽيم ئي پوليس جو اصل فخر آهي. علائقي واسين پڻ چوڪي انچارج صلاحيت ۽ سندس ٽيم جي ڪارروائي کي ساراهيو ۽ چيو ته منشيات فروشن خلاف اهڙيون ئي ڪارروايون جاري رهڻ گهرجن ته جيئن علائقي ۾ امن قائم رهي

بقايا عوامي سوچ 12

هيٿ هلنڊ) جو تفصيلي دورو ڪيو. جتي هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ ڪيس اسپتال جي مجموعي ڪارڪردگي، طبي سهولتن ۽ مريضن کي فراهم ڪيل مفت طبي خدمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. بريفنگ دوران ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ ٻڌايو ته اسپتال ۾ هر سال تقريباً 6 لک 50 هزار مريضن جو مفت معائنو ۽ علاج ڪيو وڃي ٿو، جڏهن ته 40 هزار کان وڌيڪ مريضن کي مختلف شعبن ۾ داخل ڪري طبي سهولتون فراهم ڪيون وڃن آهن. هن ٻڌايو ته حڪومت پاران مقرر ڪيل ساليانو هدف تقريباً 33 هزار مريضن جي داخلا جو آهي، پر اسپتال ان هدف کان به وڌيڪ مريضن کي داخل ڪري علاج جون سهولتون فراهم ڪيون آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو ته انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ گذريل 11 سالن کان بدين ۾ صحت جون خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي. ان عرصي دوران اسپتال ۾ ڪتن جي چڪ (ريبيز) ۽ نانگ جي چڪ (سنيڪ بائيٽ) کان بچاءَ وارين ويڪسينن جي دستيابي کي يقيني بڻايو ويو آهي ۽ انهن ويڪسينن جي ڪوٽ جو ڪڏهن به مسئلو پيش نه آيو آهي. بريفنگ کانپوءِ ڊپٽي ڪمشنر بدين اسپتال جي مختلف شعبن جو تفصيلي معائنو ڪيو ان موقعي تي انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي هيڊ آف ڪيمپس ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ ڪيس اسپتال جي مختلف شعبن جو دورو ڪرايو. دوري دوران بلڊ بئنڪ، ريڊيولاجي، آءِ سي يو، ميڊيسن وارڊ، نيوٽريشن وارڊ، نيورولوجيڪل ڪيئر، آرٿوپيڊڪ، جنرل سرجري وارڊ ۽ آپريشن ٿيٽر جو معائنو ڪيو ويو ۽ اتي مريضن کي فراهم ٿيندڙ طبي سهولتن جو جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر بدين ڊاڪٽر وسيم عباس خواجه، اسسٽنٽ ڪمشنر راجيش ڪمار، ڊاڪٽر ممتاز چانڊيو، ڊاڪٽر حرمت سيف، ڊاڪٽر سيما ظفر ۽ سمرين زئور پڻ موجود هيون

بقايا عوامي سوچ 13

غوطه خورن پاران ڳولا جاري جنگشاهي پرسان ڪي ڊي واهه ۾ ٻڏي ويل ڪراچي واسي نوجوان پوليس اهلڪار رومان يوسفزئي جو لاش ٻئي ڏينهن به هٿ نه اچي سگهيو آهي. لاش جي ڳولا لاءِ ڊي سي ٺٽو کان اجازت ملڻ بعد پهتل پاڪستان نيوي جي غوطه خورن پاران سرچ آپريشن جاري آهي. جيڪي واهه جي پاڻيءَ ۾ نوجوان جي ڳولا لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن. علائقي ۾ نوجوان جي گمشدگي سبب ڏک ۽ ڳڻتيءَ جي لهر ڇانيل آهي.

بقايا عوامي سوچ 14

مدينه ڪالوني ۾ گرفتار، وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ پوليس ڪارروائي ڪندي منشيات جي سپلائي ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. جوابدارن جي سڃاڻپ محمد امين ولد رمضان ۽ ادريس ولد امانت الرحمان طور ٿي. جوابدار رڪشي ذريعي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ منشيات سپلاءِ ڪري رهيا هئا. جوابدارن جي رڪشي مان 28 ڪلو کان وڌيڪ اعليٰ ڪوالٽي جي چرس هٿ ڪئي وئي. جوابدارن کان موبائيل فون ۽ منشيات جي وڪري مان حاصل ڪيل نقد رقم پڻ هٿ ڪئي وئي. منشيات جي سپلائي ۾ استعمال ٿيندڙ رڪشو پڻ پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. گرفتار جوابدارن خلاف نارڪوٽڪس ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي. گرفتار جوابدارن جي اڳوڻي مجرماڻي رڪارڊ بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 15

ي نوجوان يامين چانڊيو پنهنجي والد محمد بخش چانڊيو کي اسڪول ڇڏي واپس اچي رهيو هو ته ڳوٺ ساوڙي روڊ وٽ مبينا طور برهماڻي برادري جي ڪجهه ماڻهن سندس موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي. مزاحمت ڪرڻ تي جوابدار نوجوان کان 40 هزار روپيا ڦر ڪري مٿس تشدد ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. رياض چانڊيو،شاهنواز چانڊيو،احسان چانڊيو مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪري متاثر نوجوان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 16

نالي شاعر خليل عارف سومرو سان رهاڻ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ دادو ضلعي جي اديبن ، شاعرن ، صحافين ، فنڪارن سميت شهر جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ، جنهن ۾ دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ ، جنرل سيڪريٽري گلڻ پنڊ ، جوائنٽ سيڪريٽري رضوان منگي ، آڊيٽر سخي سردار چارڻ ، علي گل چنه ، نديم شاهاڻي ، تابش بخاري ، الله بخش خشڪ ، ڪامران ڪوراڻي ، سنڌ جو نالي وارو فنڪار سيد نثار شاهه ،راجا رفيق پنهور ، اسد ڪوراڻي ، فنڪار اختيار خشڪ ، لالا رفيق زئور ، سجاد يوسف ، خلق خدمت فائونڊيشن جي اڳواڻ روزينه جتوئي ،ارم سولنگي ، عاشق دادوي سميت ٻين اڳواڻن تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته هي ٻي سهڻا دادو جا بهترين ڪردار آهن جن پنهنجي فن سان عوام ۾ پنهنجي جڳهه ٺاهي آهي اڄ دادو آرٽ ڪائونسل پاران ٻنهري شخصيت سام رهاڻ ملهائي بهترين ڪم ڪيو آهي جيڪو وقت جي ضرورت آهي ، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ چيو ته اڄ هتي هي پروگرام ٿيڻ ۽ ايڏي وڏي انگ ۾ دادو ضلعي شخصيت جو هجڻ ٻڌائي ٿو ت خليل عارف ۽ اسلم راهي جو بهترين ڪم ٿيل آهي. جيري مجتباءَ ملڻ سٺو عمل آهي اهڙا پروگرام ٿيڻ گهرجن دادو پريس ڪلب پاران اهڙن پروگرامن لاءِ پريس ڪلب جو حال ڏيڻ اعلان پهريان به ڪيو آهي هاڻ به ان اعلان ڪيو ٿا ، دادو پريس ڪلب توهان سڀني جو پنهنجو ادارو آهي هي عوام جي درد تڪيلف سنڌن جي ڏانهن اعلي ايوان تائين پهچائڻ سان گڏ پنهنجي شهر جي معتبر شخصيت سان رهاڻ ملهائڻ لاءِ هر فورم تي گڏ هوندي ، هن وڌيڪ چيو ته تازو دادو ۽ سنڌ جو بهترين اداڪار حبيب الله پنهور وفات ڪري ويو آهي جنهن جي ياد ۾ هڪ منٽ جي خاموشي اختيار ڪري سنڌس کي پيٽا پيش ڪئي وڃي ، هوڏانهن صاحب رهاڻ اسلم راهي ۽ خليل عارف سومرو کي وڏي انگ ۾ آيل مهمان سنڌي اجرڪ ٽوپي ۽ هار گفٽ طور ڏنا. جڏهن ته آخري ۾ سنڌ جي نالي واري راڳي اختيار خشڪ سنڌي گيت ڳائي پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا .

بقايا عوامي سوچ 17

و واسي نوجوان انيل ڪمار ولد رميش ڪمار مهراج ٽرالر هيٺان ڊهجي فوت ٿي ويو. فوتي نوجوان انيل ڪمار اين اي ڊي ڪيمپس مٺي ۾ ليڪچرار طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو ۽ ڊيوٽي تي وڃي رهيو هو ته رستي ۾ حادثي جو شڪار ٿي ويو. جڏهن ته ٽرالر جو ڊرائيور فرار ٿي ويو واقعي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڇانئجي وئي ۽ لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا عوامي سوچ 18

ڳاڏين ذريعي سفينا ۽ آداب گٽڪو ٻهراڙيءَ جي ڳوٺن تائين پهچائڻ جو سلسلو جاري هجڻ جا انڪشاف چاچڙو، ڏاهلي، ننگرپارڪر ۽ اسلام ڪوٽ جي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ گٽڪي جي سپلاءِ جو جار پکڙيل هجڻ جي دعويٰ ذريعن موجب گٽڪي جي مبينا سپلاءِ لاءِ ڪراچيءَ کان ايندڙ ڳاڏين ۾ ڳجها خانا ٺاهيل آهن ڳاڏين ۾ ڪرائي تي ورتل عورتن کي ويهاري پوليس جي شڪ کان بچڻ جي مبينا ڪوشش ڪئي وڃي ٿي منشيات جي ڳاڏين کي پوليس حدن مان گذارڻ لاءِ ڪجهه اهلڪارن جون مبينا منٿليون مقرر هجڻ جي دعويٰ رات جي وقت چاچڙو باءِ پاس پرسان مخصوص هنڌن تان گٽڪي جي مبينا سپلاءِ جو سلسلو جاري ٻهراڙيءَ کان شهر ايندڙ جيپن ذريعي به گٽڪي جا پيڪٽ پهچائڻ جو انڪشاف نندين وڏن دڪانن ۽ ڪيبنن تائين سفينا ۽ آداب گٽڪي جي فراهمي جاري هجڻ جا انڪشاف مختلف روڊن تي پوليس چيڪ پوسٽون سڄو هفتو غيرفعال، رڳو مال پڙي واري رات اهلڪار نظر اچڻ جي دعويٰ آءِ جي سنڌ ۽ ڊي آءِ جي ميرپورخاص جي منشيات خلاف مهم باوجود مبينا طور رڳو نندين ڊيلرن خلاف ڪارروايون چاچڙو ۽ ڏاهلي ۾ بااثر منشيات فروشن خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي سوال اٿي ويا منشيات خلاف آواز اٿاريندڙ شهرين ۽ چاڻ ڏيندڙن کي مبينا ڌمڪيون ۽ دٻاءُ ڏيڻ جو انڪشاف منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندڙ ڪجهه پوليس اهلڪارن کي به بدلين ذريعي پريشان ڪرڻ جي دعويٰ شهرين ۽ سماجي ڌرين پاران آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ميرپورخاص ۽ ايس ايس پي ٿرپارڪر کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو سفينا ۽ آداب گٽڪي جي مبينا سپلاءِ نيٽ ورڪ، سهولتڪارن ۽ منٿلين جي اعليٰ سطحي جاچ ڪرائڻ جو مطالبو

بقايا عوامي سوچ 19

مطالبو حيدرآباد ۾ تعليم کاتي جي مقامي اهلڪارن جي هڪ ٽولي گريڊ 1 کان 4 تائين نوڪرين ڏيارڻ جي نالي تي غريب نوجوانن کان لکين رپيا وٺي هڙپ ڪري ڇڏيا، نه نوڪري ملي نه ئي رقم واپس ٿي، متاثرن محمد ابراهيم شيخ سان ملاقات ڪري انصاف لاءِ قانوني ۽ اخلاقي مدد جي اپيل ڪري ڇڏي حيدرآباد: جمعيت علماءِ پاڪستان ضلعي حيدرآباد جي نائب صدر محمد ابراهيم شيخ تعليم کاتي ۾ گريڊ 1 کان 4 تائين نوڪرين جي نالي تي فراڊ ڪندڙن خلاف قانون موجب مڪمل ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته ٻي صورت ۾ ڀرپور احتجاج ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار هن وٽ آيل نوجوانن جي وفد سان ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي متاثر نوجوانن ساڻن ٿيل زيادتين بابت آگاهه ڪندي ٻڌايو ته تعليم کاتي حيدرآباد ۾ مقامي اهلڪارن جو هڪ ٽولو موجود آهي، جنهن ڪين اهو يقين ڏياريو هو ته سنڌن تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين سان رابطا آهن ۽ ڪراچي مان سمورو ڪم ٿي ويندو انهن ڪجهه اعليٰ آفيسرن سان پنهنجا لاڳاپا پڻ ظاهر ڪيا هئا ۽ ٻڌايو هو ته جيئن ئي نوڪرين جا موقعا نڪرندا ته ڪين گريڊ 1 کان 4 تائين نوڪريون وٺي ڏنيون وينديون متاثر نوجوانن ٻڌايو ته انهن کان وڏي رقم ورتي وئي، جيڪا هنن وڏي مشڪل سان گڏ ڪئي هئي غريب نوجوانن قرض کڻي پئسا ڏنا هئا. پر اڄ تائين نه ڪين نوڪري ملي آهي ۽ نه ئي سنڌن رقم واپس ڪئي وئي آهي هاڻي سنڌن حالت اهڙي ٿي وئي آهي جو هو ڪنهن پاسي جا به نه رهيا آهن حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اها رقم غريب ماڻهن جي زندگيءَ جي گذر سفر لاءِ انتهائي اهم هئي، پراها رقم ڪنهن مٿين اختيارين ڏانهن موڪلڻ بدران وچ ۾ ئي موجود ماڻهن پاڻ هڙپ ڪري ڇڏي ان موقعي تي محمد ابراهيم شيخ وزيراعليٰ سنڌ، صوبائي وزير تعليم ۽ صوبائي وزير داخلا کان فوري مطالبو ڪيو ته غريب نوجوانن کي لٽيندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، فراڊ ۾ ملوث ماڻهن کي فوري طور سرڪاري ملازمتن تان برطرف ڪيو وڃي، قلم 406 ۽ 420 تحت ايف آءِ آر داخل ڪئي وڃي ۽ متاثر غريب نوجوانن جي رقم فوري طور واپس ڪرائي وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

هر جي سياسي، سماجي، صحافتي ۽ ڪاروباري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. دعوتِ وليمه جي تقريب جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ٿي. هال کي برقي قمقمن، گلن ۽ خوبصورت سجاوٽ سان سينگاريو ويو هو. مهمانن لاءِ پرتڪلف ڪاڌي جو اهتمام ڪيو ويو هو. تقريب ۾ ميئر حيدرآباد ڪاشف شورو، ڊپٽي ميئر صغير احمد قريشي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع حيدرآباد جي سينيئر نائب صدر اظهر علي سيال خصوصي شرڪت ڪئي. هن موقعي تي هنن عابده قائم خاني کي مبارڪباد پيش ڪندي چيو ته پيپلزپارٽي هڪ خاندان جيان آهي، خوشي جي موقعي تي سڀني جو گڏ ٿيڻ ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته پارٽي جا ڪارڪن هڪ ٻئي جي ڏک سک ۾ شريڪ آهن. هنن گهوٽ احمد گل لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو ۽ سندس ازدواجي زندگي لاءِ دعا گهري. تقريب ۾ اظهر علي سيال سان گڏ ذاڪر خان، زڪريا سيال، لالا عمران، ذوالفقار منگريو، لالا جمشيد هڪڙو، سڪندر حاجانو سميت پارٽي جا ٻيا اڳواڻ ۽ ڪارڪن پڻ موجود هئا. تقريب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جي ضلعي ۽ تعلقي عهديدارن، يو سي چيئرمينن، ڪونسلرن، عورتن ونگ جي عهديدارن، سياسي ۽ سماجي شخصيتن، صحافين، وڪيلن، واپارين ۽ شهر جي معززين شرڪت ڪئي. شرڪت ڪندڙن عابده قائم خاني کي پٽ جي شادي تي مبارڪباد ڏني ۽ گهوٽ ۽ ڪنوار لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. هن موقعي تي عابده قائم خاني سمورن مهمانن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته جن دوستن، مائٽن ۽ پارٽي اڳواڻن شرڪت ڪري سندس خوشين کي ٻيڻو ڪيو، انهن جي هوءَ شڪرگذار آهي. تقريب جي پڄاڻي تي گهوٽ سان گڏ يادگار تصويرون ڪيرايون ويون ۽ مهمانن کي رخصت ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 21

۾ اچڻ ناممڪن هوندو هئو، جڏهن ته شاهي بازار جو جيڪو مين چونڪ آهي، اتي اڳئي گهٽي رش هوندي آهي هن چونڪ کي جهڙوڪ رڪشن وارا ريڙهن وارن سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي، هيءَ گهٽي هوندي هئي ته ڪاليج جون نياڻيون شارٽ ڪٽ ڪيو پنهنجي گهرن ڏانهن آسانيءَ سان روانيون ٿينديون هيون. جيڪڏهن هي رستو مڪمل بند ڪيو ويو ته نياڻين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي ويندو ، چاڪاڻ ته متبادل شاهي بازار چونڪ وارو رستو انتهائي سوڙهو آهي ۽ رڪشا فروٽن جا گاڏا ,دڪاندار پاران وڌايل دڪن سميت ڪافي رش سبب اهيو رستو نياڻين لاءِ عذاب بڻجي ويندو. سيوهڻ جي سڄاڻ ڌرين سياسي ماڻهن، سماجي تنظيمن پاران اڄ سخت ردِ عمل ڏيندي چيو ته هي جيڪو ڪم ڪيو پيو وڃي اهو سراسر غلط آهي، هيءَ اها گهٽي آهي، جنهن مان ڪيترن اسڪولن جا شاگرد ۽ شاگرديائيون گذرن ٿيون، جنهن جي ڪري انهن شاگردن ۽ شاگرديائين ۽ عوام کي سخت ڏکيائين سان منهن ڏيڻو پوندو اسان انتظاميه کان مطالبو ٿا ڪريون ته هن رستي تي ڪنيل ديوار کي ڊهرائي رستو ڪليئر ڪيو وڃي ته جيئن شاگرديائين ۽ شاگردن ۽ عوام کي اچڻ وڃڻ ۾ تڪليف پيش نه اچي، ذريعن کان آهيو پڻ معلوم ٿيو آهي ته اها ديوار سيوهڻ شهر ۾ ماڊل ٿاڻو ٺهڻ جي ڪري ان کي سڪيور ڪرڻ لاءِ ڏني پئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 22

نوان هيٺ شاندار جلسو منعقد ڪيو ويو، جنهن جي صدارت وفاقي وزير براءِ اقليتي معاملن ۽ ايم اين اي ڪيئلداس ڪوهستاني ڪئي. جلسي ۾ ٿرپارڪر سميت ميرپورخاص، بدين، ڏگهڙي، نئون ڪوٽ، ڪوسڪي ۽ شادي لارج مان وڏي انگ ۾ مردن ۽ عورتن شرڪت ڪئي. جلسي جي جاءِ کي پاڪستان مسلم ليگ (ن) ۽ پاڪستان جي جهنڊن، استقباليائتي بينرن، وزيراعظم ميان شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير جي تصويرن سان سينگاريو ويو هو. جلسي جي شروعات قومي تراني، قرآن پاڪ جي تلاوت ۽ گائتري منتر سان ڪئي وئي. جڏهن ته ضلعي صدر پاڪستان مسلم ليگ (ن) ٿرپارڪر هيمراج پيل ايڊووڪيٽ آيل مهمانن کي آجياڻو ڏنو. جلسي کي صدارتي خطاب ڪندي وفاقي وزير ڪيئلداس ڪوهستاني چيو ته ٿر جو ڪوئلو، جنهن کي ڪارو سون چيو وڃي ٿو، ان جي ڳولا ۽ ڪوئلي جو بنياد اڳوڻي وزيراعظم ميان نواز شريف جي دور ۾ وڌو ويو. جڏهن ته بجلي جا پاور پلانٽ لڳائڻ ۽ ٿرڪول منصوبي کي ترقي ڏيارڻ ۾ سنڌ حڪومت سان گڏ وزيراعظم ميان شهباز شريف جو پڻ اهم ڪردار آهي. هن چيو ته وزيراعظم شهباز شريف ٿر جي مسڪين ماڻهن کي هر ڏکي گهڙيءَ ۾ ياد رکندو آهي. برساتن، قدرتي آفتن ۽ ڏڪار جي صورتحال ۾ به ٿر جي عوام جي مسئلن کان آگاهه آهي. ڪيئلداس ڪوهستاني مطالبو ڪيو ته ٿر جي ڪوئلي ۽ ٻين معدني وسيلن مان حاصل ٿيندڙ آمدني سڄي ٿرپارڪر جي غريب ۽ مسڪين عوام جي ڀلائي، رهائش، تعليم، صحت، روڊ رستن ۽ ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪئي وڃي. هن چيو ته ٿرپارڪر ۾ هن وقت 90 سيڪڙو ڏڪار جي صورتحال آهي. پر ڪجهه ڌريون ڪوئلي جي رائلٽي جي رقم کي مخصوص ماڻهن تائين محدود ڪرڻ ۽ پنهنجن کي نوازڻ جون ڪوششون ڪري رهيون آهن. جنهن جي اجازت هرگز نه ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو ته ڏڪار سڄي ٿرپارڪر جو مسئلو آهي. تنهنڪري امداد ۽ رليف به ضلعي جي سمورن متاثر ماڻهن کي بنا ڪنهن فرق جي فوري طور فراهم ڪيو وڃي. ٿر جي ماڻهن جي گذر سفر جو وڏو ذريعو مال ۽ چوپايو مال آهي. ان ڪري جانورن جي چاري ۽ خوراڪ لاءِ به سبسڊي ڏني وڃي. مذهبي هم آهنگي بابت ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته ٿر ۾ هندو، مسلمان، سک ۽ عيسائي سميت سڀني مذهبن جا ماڻهو آزادي، محبت ۽ پائيچاري سان رهن ٿا، هڪٻئي جي خوشين ۾ شريڪ ٿين ٿا ۽ پنهنجا مذهبي تهوار گڏيل احترام سان ملهائين ٿا. هن چيو ته اسان سڀ پاڪستاني آهيون ۽ ملڪ جي سلامتي، اتحاد ۽ پاڪ فوج سان گڏ بيٺل آهيون. هن ڀارت جي وزيراعظم نريندر مودي تي تنقيد ڪندي چيو ته پاڪستان تي ميري نظر رکڻ ۽ جنگ شروع ڪرڻ جو جواب پاڪستان جي هٿياربند فوج ۽ فيلڊ مارشل جنرل عاصم منير ڀرپور انداز ۾ ڏنو. پاڪستان جو عوام هر مذهب ۽ قوم سان تعلق رکندي پنهنجي فوج سان محبت ڪري ٿو. ڪيئلداس ڪوهستاني چيو ته پاڪستان مسلم ليگ (ن) ٿر جي عوام جي خدمت تي يقين رکي ٿي، جيڪڏهن ٿرپارڪر جي عوام پارٽي کي مينڊيٽ ڏنو ته غريب ۽ ڏتڙيل ماڻهن جي خدمت لاءِ وڌيڪ قدم کنيا ويندا. هن چيو ته مٺي ايندي رستي ۾ ٿر جي ٻنين، چراگاهن ۽ مال چاريندڙ ماروئڙن جي حالت پنهنجي اکين سان ڏٺي آهي. جتي هر طرف سڪل زمينون ۽ ڏڪار جا اثر نظر اچي رهيا هئا. ٿر جي عوام جو ڪيس وزيراعظم شهباز شريف آڏو پيش ڪندس ۽ اميد آهي ته هو ٿر جي مستقبل لاءِ بهتر فيصلا ڪندو. جلسي ۾ عورتن جي وڏي انگ کي ڏسي ڪيئلداس ڪوهستاني ڪين سلام پيش ڪيو ۽ واعدو ڪيو ته هوءَ پنهنجي ڀيڻ، ميان نواز شريف جي نياڻي مريم نواز کي ٿرپارڪر ضرور وٺي ايندو. ان موقعي تي مير صفدر، خالد عزيز آرائين، دلاور راجپوت، نوشاد ناز، سلام نوهڙي، ماما مڪيش ايڊووڪيٽ نريندر آسناڻي ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪندي ٿر جي مختلف مسئلن تي روشني وڌي ۽ انهن جي حل لاءِ مطالبا پيش ڪيا. جلسي دوران پاڪ فوج، فيلڊ مارشل ۽ پاڪستان زنده آباد جا نعرا لڳندا رهيا. جڏهن ته مسلم ليگ (ن) ۽ ميان نواز شريف جي حق ۾ قومي گيت پڻ وڄايا ويا. جلسي جي ڪارروائي نديم جماڻي، سلام نوهڙي ۽ نوشاد ناز هلائي. جلسي جون ڪارروايون ريڊيو پاڪستان مٺي ۽ پي ٽي وي پاران لائيو ڏيکاريون ويون. جڏهن ته امن امان برقرار رکڻ لاءِ پوليس جي وڏي نفري مقرر ڪئي وئي هئي. آخر ۾ منتظمين پاران جلسي ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين جا ٿورا مڃيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 23

ٿو پنهنجي گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ حڪومت پاران سنڌ يوٿ ڪارڊ متعارف ڪرائڻ نوجوانن جي تعليم هنر روزگار ۽ معاشي خودمختياريءَ لاءِ هڪ اهم قدم آهي. هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 23 نومبر تي سنڌ يوٿ ڪارڊ جو افتتاح ڪندو جنهن تحت 15 کان 29 سالن جي عمر وارا هڪ لک نوجوان فائدو حاصل ڪري سگهندا. هن پروگرام ذريعي نوجوانن کي تعليم فني تربيت روزگار ڪاروبار ۽ ٻين سهولتن جا موقعا فراهم ڪرڻ جو مقصد آهي. هنن چيو ته نوجوان ڪنهن به ملڪ ۽ قوم جو قيمتي سرمايو هوندا آهن انهن کي تعليم ۽ هنر سان ليس ڪري روزگار جا موقعا فراهم ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. پيپلز پارٽي هميشه نوجوانن کي اڳتي آڻڻ ۽ ڪين عملي زندگيءَ ۾ پنهنجو مقام ٺاهڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪيون آهن. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ يوٿ ڪارڊ سان نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ ۽ معاشي طور پاڻ ڀرو ٿيڻ جا نوان موقعا ملندا. اميد آهي ته هن منصوبي جا فائدا بنا ڪنهن فرق جي سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين جي نوجوانن تائين پهچندا. هن نوجوانن کي اپيل ڪئي ته 23 نومبر کان شروع ٿيندڙ رجسٽريشن جي عمل ۾ ڀرپور حصو وٺن ۽ تعليم هنر ۽ روزگار جا موقعا حاصل ڪرڻ لاءِ هن پروگرام مان فائدو وٺن.

بقايا عوامي سوچ 24

عمرڪوٽ روڊ تي الشفاءِ اسپتال سامهون قائم رهائشي ڪالوني کي ڊاهڻ دوران رهواسين عورتن سميت احتجاج ڪيو، جنهن دوران هڪ عورت کي بيهوشي جا دورا پڻ پيا. انتظاميه جو چوڻ هو ته عدالتي حڪم ۽ نوٽيس تي عملدرآمد ڪرڻ ضروري آهي، جڏهن ته ٽپيدار نياز شاهه موجب ڇاڻايل ڪالوني ديهه 120 ۾ اچي ٿي ۽ رهواسين جا رجسٽرڊ پلاٽ ڪنهن ٻئي هنڌ آهن. جن جي نشاندهي رهواسين پاڻ ڪن. ٻئي طرف رهواسين ۽ سماجي توڙي سياسي اڳواڻن الزام هنيو ته باثر ماڻهن جي چوڻ تي سالن کان رهندڙ غريب پورهيتن کي گهرن مان بي دخل ڪري لڏپلاڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي. احتجاج ڪندڙن عمرڪوٽ ڏانهن ويندڙ روڊ پڻ بلاڪ ڪري ڇڏيو، جنهن بعد مقامي ۽ سياسي اڳواڻن جي موجودگي ۾ انتظاميه سان ڪامياب ڳالهيون ٿيون. ڳالهين بعد ڪالوني واسين کي گهر خالي ڪري سرڪاري ملڪيت حوالي ڪرڻ لاءِ وڌيڪ هڪ هفتي جي مهلت ڏني وئي. ياد رهي ته ان کان اڳ به ڪالوني کي غير رجسٽرڊ قرار ڏئي ڊاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي، جنهن تي سماجي ۽ سياسي اڳواڻن احتجاج ڪيو هو.

بقايا عوامي سوچ 25

ڪريون نه ڏيڻ وارو معاملو، توهين عدالت جي درخواست داخل ڪري ڇڏي آهي .چيف سيڪريٽري سنڌ، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي درخواست داخل ڪئي وئي، مجتبيٰ ۽ صائمه پاران پنهنجي وڪيل عثمان فاروق معرفت درخواست داخل ڪئي وئي،درخواستگذارن جي وڪيل عثمان فاروق چيو ته عدالت 9 آڪٽوبر 2026ع تي ڊي جي ڪي ڊي اي کي نوڪريون ڏيڻ جا حڪم جاري ڪيا هئا، وڪيل چيو ته عدالت ڊي جي ڪي ڊي اي کي ٽن هفتن اندر معذور ماڻهن جو ڪوٽا لاڳو ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو، عدالت هدايت ڪئي هئي ته موجود خالي آسامين تي معذور ڪوٽا شفاف طريقي سان لاڳو ڪيو وڃي، عدالت معذور ڪوٽا تحت ٻنهي ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي مستقل ڪرڻ جو حڪم ڏنو هو،وڪيل چيو ته درخواستگذار صائمه ۽ مجتبيٰ کي ڊي اي ۾ ڪانٽريڪٽ جي بنياد تي مقرر ڪيا هئا، ٻنهي ڄڻن اٽي ٻن کان ٽن سالن تائين ڪم ڪيو آهي،معذور ڪوٽا تحت ٻنهي کي مستقل ٿيڻو هو، عدالتي حڪمن ڪانپوءِ درخواستگذارن کي ڊي اي هيڊ آفيس سان رابطو ڪيو، وڪيل عثمان فاروق چيو ته ڪي ڊي اي هيڊ آفيس ۾ درخواستگذارن جي تذليل ڪري ڪين واپس موڪليو ويو،درخواستگذارن کي چيو ويو ته اسان عدالت جي حڪم جا پابند ناهيون، ڪين اهو به چيو ويو ته اسان کي عدالتي حڪم نه ڏيکاريو، اسان پاڻ ئي معاملو ڏسي وٺنداسين، توهان کي هتي اچڻ جي ضرورت ناهي، ڊي جي ڪي ڊي اي ۽ ٻين خلاف توهين عدالت جي ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا عوامي سوچ 26

ي ٿي. جوابدار مشرف جي لاڏاڻي سبب ڪارروائي ملتوي ڪري ڇڏي آهي .ايم ڪيو ايم جي اڳوڻي سيڪٽر انچارج رئيس مما سميت ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا. محمد جيواڻي ايڊووڪيٽ جي عدالت کان درخواست تي جوابدار مشرف فوت ٿي ويو آهي. ٻڌڻي ملتوي ڪئي وڃي. عدالت درخواست تي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي آهي .جوابدارن خلاف زمان ٽائون پوليس 2011ع ۾ ڪيس داخل ڪيو هو،جوابدارن جي فائرنگ سبب پوليس اهلڪارن سميت ڪيترائي ماڻهو مارجي ويا هئا.

بقايا عوامي سوچ 27

ته ٽاٽي وٺان گذرندڙ گهٽي گرلز هاءِ اسڪول، گرلز ڪاليج جي شاگرديائين سميت شاهي بازار ڏانهن ويندڙ شهرين جي غير معمولي لنگهه جو رستو آهي، تنهنڪري عام گهٽي بند نه ٿيڻ گهرجي ايس ايس پي جامشورو محمد ظفر صديق چانگا پاران شهرين جي عام لنگهه کي بند نه ڪرڻ جي يقين ڏيارڻي گهٽي جو دورو ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي.

بقايا عوامي سوچ 28

موجب 16 نومبر 2026ع تي ٽاٽي ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪيس نمبر 178/2026 قلم 4 ۽ 8 گٽڪو ماوَ ايڪٽ 2019ع تحت ڪارروائي ڪندي جوابدار عورت سويتا زال مهيش، قوم ڪلال، رهواسڻ تعلقو ڪوٽ غلام محمد کي گرفتار ڪيو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار عورت جي قبضي مان سفينا ۽ آداب جا 10 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا، جن ۾ مجموعي طور 1060 پڙيون موجود هيون پوليس موجب گرفتار جوابدار عورت خلاف ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 29

ان خاصخيلي ڳوٺ ۾ ٿي گذريو، وڏي تعداد ۾ برادري جي ماڻهن جي شرڪت، اتحاد کي وڌيڪ منظم ۽ مضبوط بڻائڻ جو عزم پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد جي چيئرمين سردار راجا غلام مرتضيٰ خاصخيلي جي صدارت هيٺ ڪراچي ڊويزن جو تنظيمي اجلاس ملير جي عثمان خاصخيلي ڳوٺ ۾ ٿي گذريو جنهن بعد وڏو عوامي جلسي عام ڪيو ويو جنهن ۾ سنڌ جي صدر روشن خاصخيلي، محمد صديق خاصخيلي، رفيق خاصخيلي، سجاد ڪي ڪي خاصخيلي سميت ڪراچي ڊويزن ۽ مختلف علائقن مان خاصخيلي برادري ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جلسي کي خطاب ڪندي پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد جي چيئرمين سردار راجا غلام مرتضيٰ خاصخيلي چيو ته پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد قائم ڪرڻ جو بنيادي مقصد سنڌ جي مظلوم ۽ نظرانداز ٿيل قبيلن ۾ اتحاد، اتفاق ۽ پائيچارو پيدا ڪرڻ آهي، جيئن برادرين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ گڏيل جدوجهد ڪري سگهجي. هن چيو ته اتحاد جو مقصد ڪنهن سان مقابلو ڪرڻ يا ڪنهن جي مخالفت ڪرڻ نه، پر برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري سنڌن سماجي، تعليمي ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ آهي هن وڌيڪ چيو ته ڪجهه ماڻهو برادرين جي نالي تي پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ دڪان کوليو ويٺا آهن. جن جي ڪوشش رهي ته پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد ڪراچي ۾ پنهنجون تنظيمي سرگرميون شروع نه ڪري ۽ برادري کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ کان روڪيو وڃي پر اڄ عثمان خاصخيلي ڳوٺ ۾ ٿيل وڏي اجتماع مان مخالفن کي به اندازو ٿي ويو هوندو ته خاصخيلي برادري اتحاد ۽ تنظيم جي پليٽ فارم تي گڏ ٿيڻ جو پڪو ارادو رکي ٿي سردار راجا غلام مرتضيٰ خاصخيلي چيو ته اسان جو پيغام نفرت، ذاتي اختلافن ۽ گروهه بندي بدران محبت، پائيچاري، عزت ۽ راجوٽي روايتن کي هٿي ڏيڻ آهي. خاصخيلي برادري جي هر فرد کي گهرجي ته ذاتي ۽ گروهي مفادن کان مٿانهون ٿي اجتماعي مفادن لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري هن چيو ته تنظيم کي رڳو جلسن ۽ اجلاسن تائين محدود نه رکيو ويندو، پر برادري جي غريب، مسڪين ۽ ضرورتمند ماڻهن جي مدد، نوجوانن جي تعليم ۽ روزگار جي مسئلن سميت سماجي ڀلائي وارن ڪمن تي به ڌيان ڏنو ويندو هن چيو ته ڪراچي ۾ خاصخيلي برادري وڏي تعداد ۾ آباد آهي، تنهنڪري ڊويزن ۽ ضلعي سطح تي تنظيمي ڍانچي کي فعال بڻائي هر علائقي ۾ رابطا ڪاميٽيون قائم ڪيون وينديون، جيئن برادري جي ماڻهن جا مسئلا ٻڌي انهن جي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙي سگهجي ان موقعي تي سنڌ جي صدر روشن خاصخيلي صديق خاصخيلي ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد کي وڌيڪ مضبوط ۽ فعال بڻائڻ لاءِ سمورن ساٿين ونڊن، نوجوانن ۽ برادري جي معززن کي اڳتي اچڻو پوندو هنن چيو ته اتحاد، اتفاق ۽ گڏيل جدوجهد ئي ڪنهن به برادري جي ترقي ۽ خوشحالي جو بنياد آهن اجلاس ۾ تنظيم جي مستقبل جي حڪمت عملي، ڪراچي ڊويزن ۾ تنظيمي سرگرمين کي وڌائڻ، برادري جي ماڻهن سان رابطن کي مضبوط ڪرڻ ۽ اتحاد جي پيغام کي هر علائقي تائين پهچائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، آخر ۾ خاصخيلي برادري جي گڏيل اتحاد، پائيچاري ۽ تنظيم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جو عزم ورجايو ويو

بقايا عوامي سوچ 30

ڪرلڳڻ جي نتيجي ۾ ٻه نوجوان فوت ٿي ويا جڏهن ته حادثي جو ذميوار ڊرائيور گاڏي سميت فرار ٿي ويو.حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوانن جي سڃاڻپ 15 ورهين جي مدثر ولد علي دوست ۽ 25 ورهين جي الله ڏنو ولد عبدالخالق پتوجو طور ٿي آهي جن جو تعلق ڳوٺ عبدالله بروهي سان ٻڌايو پيو وڃي. حادثي جي اطلاع تي علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانئجي وئي جڏهن ته ٻنهي نوجوانن جا لاش سنڌن گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا عوامي سوچ 31

مڪمل ٿيڻ وارا آهن. پر افسوس جو هن وقت تائين شهيد جو فرار ٿيل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي. جڏهن ته قتل ۾ ملوث جوابدارن جي مبينا صلاحڪار غلام حيدر پتافي جي معذورن جي اداري الخادم فائونڊيشن جي سامهون رهائش هجڻ باوجود پوليس طرفان ڪا به اثرائتي ڪارروائي نه ڪئي وئي آهي پوليس جي مسلسل خاموشي، جوابدارن جي گرفتاري ۾ دير ۽ انصاڪري اداري ۽ تعليم حاصل ڪندڙ معذور ٻارڙن ۽ ٻين مستحق ماڻهن جون تعليمي، فلاحي ۽ بحاليءَ جون سرگرميون سخت متاثر ٿي رهيون آهن. شهيد غلام شبير ساند صرف هڪ سياسي اڳواڻ نه، پر معذور ماڻهن جي تعليم، حقن ۽ ڀلائي لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ هڪ عظيم انسان هو. سندس قتل سان نه رڳو هڪ خاندان ۽ سياسي تحريڪ پر معذور ماڻهن جي هڪ وڏي طبقي کان به هڪ اهم سهارو کسجي ويو آهي. اسان وس وارن ادارن، سنڌ حڪومت، آءِ جي سنڌ ۽ لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ٿا ڪريون ته شهيد غلام شبير ساند جي قتل ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، غلام حيدر پتافي جي ڪردار بابت شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي ۽ الخادم فائونڊيشن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري بيهر ڪولرايو وڃي. اسان جو مطالبو آهي ته شهيد غلام شبير ساند جي وارثن کي انصاف ڏنو وڃي ۽ معذور ٻارڙن جي تعليم ۽ مستقبل کي وڌيڪ داءَ تي نه لڳايو وڃي. انصاف ۾ دير، انصاف انڪار برابر آهي

بقايا عوامي سوچ 32

شادي ڪئي جنهن مان مونکي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي منهنجي گهرواري مونکي پهرين ڇڏي وڃي ٻي شادي ڪئي هاڻ وري منهنجي اولاد ٻين جي چرچ ۾ اچي منهنجي چوڻ ۾ نه آهي. منهنجي ڌي ۽ پٽ سان منهنجو ڪو به واسطو ناهي. هن چيو ته مون پنهنجي اولاد کي پاليو پوسيو، وڏو ڪيو، پر هاڻي اهي منهنجي عزت نه ٿا ڪن. نه منهنجي ڳالهه مڃن ٿا. ٻين ماڻهن جي چوڻ تي هلي منهنجي خلاف ٿي ويا آهن. محمد سليم قمبراڻي چيو ته مان اڄ کان پوءِ منهنجي ڌي ۽ پٽ جي ڪنهن به عمل جو مان ذميوار نه آهيان. ۽ انهن جي ڪنهن به ڏيتي ليتي سان منهنجو ڪو واسطو نه آهي. جيڪڏهن اهي منهنجي نالي تي ڪو به ڪم ڪن ٿا ته ان جو مان ذميوار نه هوندس

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

ٺٽو ۾ ڪميونٽي سپورٽ گروپ جي ماهوار گڏجاڻي

شفقت بروهي، گل حسن ملاح، امجد علي شيخ، صحافي محمد ايوب ملاح، سماجي اڳواڻ عاشق علي جاکرو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گٽرن جي گندي پاڻي جي بيهڻ ڪري اسپتال اينڊ مريضن سميت علائقي واسين کي سخت مشڪلاتون پيش اچڻ سميت مڇرن جو آزار پڻ وڌي ويو آهي

برساتون پوڻ بعد اسپتال ۾ 2 کان 3 فوٽ پاڻي بيهجي ويو هو، ان وقت ۽ مريضن کي سخت ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي ٿو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪميونٽي سپورٽ گروپ جي ماهوار گڏجاڻي BHUپلس سينٽرچتوچند ۾ سينيئر ميڊيڪل آفيسر ۽ انچارج BHU پلس چتوچند ڊاڪٽر عبدالحسين شاهه جي صدارت ۾ ٿي گڏريو جنهن ۾ يوسي چتوچند جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

سجاول جي رهواسي حيات هٿيار پريس ڪلب ۾ احتجاج

منهنجي زال ناديه کي سندس والد مننار خاصخيلي سندس گهر ٻين مائٽن سان ملاڻ لاءِ وٺي ويو

سندس سهرو لالچي ۽ نشائي آهي هن منهنجي زال کي سجاول مان وٺي ڳاڙهي شهر ڏانهن سندس چاچن حوالي ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي

سندس مڙس مننار خاصخيلي لالچي ماڻهو آهي منهنجي ڌيءَ حيات کان ڪسي ٻين کي ڏيڻ تو چاهي هن تصديق ڪئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول جي رهواسي حيات هٿيار پريس ڪلب ۾ احتجاج ڪندي چيو آهي ته منهنجي زال ناديه کي سندس والد مننار خاصخيلي سندس گهر ٻين مائٽن سان ملاڻ لاءِ وٺي ويو پر 2 سال گذري وڃڻ باوجود اڄ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2



مڪلي ۾ ٽيلر جي ٽڪر سبب معصوم ٻار فوت، جوابدار ڊرائيور گرفتار نه ٿيو

پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿي ويا

الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ وارثن کي صبر جميل عطا ڪري. آمين

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) مڪلي ۾ ٽيلر جي ٽڪر سبب معصوم ٻار فوت، جوابدار ڊرائيور گرفتار نه ٿيو، پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿي ويامڪلي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو پاران احتجاج

ملنڊڙ موتمار ڏمڪين توڙي مٿس ٿيندڙ حملن خلاف جهمپير ٿاڻي تي پهچي ڌمڪيون ڏيندڙ اميربخش جاکرو ۽ سومار جاکرو خلاف اين سي داخل ڪرائي

سندن ئي ڳوٺ جي رهواسي ٻن ڄڻن سومار جاکرو ۽ سندس ڀائٽي اميربخش جاکرو ڪانئنس 4 لک 30 هزار روپيه ڪيش رقم اوڌارا ورتا

جلد ڪيس ورتل رقم واپس ڪرائي ويندي، پر 2 سال گذرڻ باوجود ڪيس پنهنجو وهنوار ملي ناهي سگهيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) يوسي جهمپير جي ڪوهستاني ڳوٺ سائينئون جاکرو جي رهواسي سماجي اڳواڻ ڪوهستاني محمد انور جاکرو پاران ڪيس پنهنجو ڏنل وهوار وقت تي نه ملڻ تان پئسا گهرڻ تي ڪيس ملنڊڙ موتمار ڏمڪين توڙي م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

دادو ۾ گهر مان ڏيڍ تولو سون، 2 لک روڪ ۽ موبائيل فون چوري، هڪ جوابدار گرفتار

باقي ٽن جي گرفتاري لاءِ پوليس جا چڪر ڪاٽڻ باوجود انصاف نه مليو: متاثر جتوئي خاندان

15 ڏينهن اڳ سندن گهر ۾ هٿياربند چور داخل ٿي ڏيڍ تولو سون، 2 لک روپيا روڪ رقم ۽ هڪ سمارٽ فون چوري ڪري فرار ٿي ويا هئا

واقعي وقت هو فوتگيءَ تي ويل هئا، جڏهن گهر واپس پهتا ته چار ڄڻا چوري ڪري رهيا هئا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي هائوسنگ سوسائٽي جي رهواسين غلام مجتبيٰ جتوئي، مدد علي جتوئي ۽ آصف جتوئي دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته 15 ڏينهن اڳ سندن گهر ۾ هٿ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

دادو پريس ڪلب ضلع دادو
نيو

آمنه رند سان انصاف لاءِ دادو جي سول سوسائٽي روڊن تي نڪري آئي

بينظير پارڪ کان پريس ڪلب تائين احتجاجي مظاهرو، 8 ڏينهن گذرڻ باوجود گهربل جوابدار علي نواز رند گرفتار نه ٿي سگهيو، فوري گرفتاري ۽ شفاف جاچ جو مطالبو

مظاهري ۾ عبدالمجيد پنهور، ايمان پيرزادو، منير ملاح، عبدالستار ملاح، اسرار پنهور، مرتضيٰ پنو، راجا ڪوڪر، فوجي جتوئي سميت وڏي انگ ۾ شهرين شرڪت

مظاهرين بينظير پارڪ کان هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي ريلي جي صورت ۾ دادو پريس ڪلب پهتا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو شهر جي متاثر ناري آمنه رند سان يڪجهتي ۽ ڪيس انصاف ڏيارڻ لاءِ دادو جي سول سوسائٽي ۽ شهر جي باشعور شهرين پاران خلق جي خدمت آرگنائيزيشن دادو جي سرواڻ ميڊم روزينه جتوئي جي اڳ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول اوڏيرولال اسٽيشن ۾ اسٽيم سائنسي ميلو منعقد

جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي سائنسي صلاحيتن، تخليقي سوچ ۽ جديد سائنسي ماڊلز ذريعي شاندار ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪيو

استادن بابو هنگورو، شبير حاجاڻو، ٽائون ڪاميٽي اوڏيرولال اسٽيشن جي چيئرمين محمد قاسم ابڙو سميت معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سائنسي ميلي ۾ بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين کي انعامن ۽ اعزازن سان نوازيو ويو

اوڏيرولال (رپورٽر غلام نبي چنو) گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول اوڏيرولال اسٽيشن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين جي تعليمي صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ شاندار اسٽيم سائنسي ميلو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ شاگردن ۽ شاگردياڻين پنهنجي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ڪامريڊ لڪاڏنو ڀراڙيءَ اتساهه ۽ همٿون پيدا ڪندڙ انقلابي انسان هيو: صادق لاڪو

محڪوم ۽ مجبور ماڻهن جي حقن جي داد رسيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ منجهن قومي ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندي گذري

بشير احمد جوکيو، ساڻون برفت ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ سندس آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهڻ بعد ڪيس عظمت ڀري پيٽا پيش ڪندي ڪيون

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ڪامريڊ لڪاڏنو ڀراڙيءَ جي سموري حياتي مظلوم، محڪوم ۽ مجبور ماڻهن جي حقن جي داد رسيءَ لاءِ جدوجهد ڪرڻ سان گڏوگڏ منجهن قومي ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندي گذري. اهڙو اظهار سنڌ ڪلچرل فورم ضلعي ٺٽي پاران مڪليءَ جي تاريخي سرزمين تي دفن ٿيل ڪاهوڙي علمي، ادبي، قومي، سياسي اڳواڻ ۽ قانوندان ايڊووڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8



ويرم خان ميرجي بندهاني هائوس آمد، عمران بندهاني سان ملاقات

معين حسن راجپوت پاران بيرسٽر ويرم خان مهر جو پرتپاڪ استقبال ڪندي ڪيس پليڪارڊ ڪيو ويو

ملاقات دوران موجود دوستن پاران بيرسٽر ويرم خان مهر سان خوشگوار ماحول ۾ ملاقات ڪئي وئي

سکر (بيوروچيف محمد قاسم ملڪ) بيرسٽر ويرم خان مهرجي بندهاني هائوس مياڻي روڊ آمد ٿي، جتي هن بلڊر ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري عمران بندهاني سان ملاقات ڪئي، ان موقعي تي عمران بندهاني جي پاءِ معين حسن راجپو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ميرپور ماٿيلو ڪلوڙ برادري جي ماڻهن پاران نوجوان تي حملي خلاف ميرپور ماٿيلو ٿاڻي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪندي

حيدرآباد ۾ نوڪرين جي نالي تي غريب نوجوانن کان لکين رپين جو فراڊ بي نقاب

محمد ابراهيم شيخ جو فوري ڪارروائي جو مطالبو

متاثرن محمد ابراهيم شيخ سان ملاقات ڪري انصاف لاءِ قانوني ۽ اخلاقي مدد جي اپيل ڪري ڇڏي

حيدرآباد (رپورٽر) حيدرآباد ۾ نوڪرين جي نالي تي غريب نوجوانن کان لکين رپين جو فراڊ بي نقاب، محمد ابراهيم شيخ جو فوري ڪارروائي جو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

چاچرو ۽ ڏاهلي ۾ سفينا ۽ آداب گٽڪي جي مبينا منظم نيٽ ورڪ جا انڪشاف

ڳاڏين ذريعي سفينا ۽ آداب گٽڪو ڀراڙيءَ جي ڳوٺن تائين پهچائڻ جو سلسلو جاري هجڻ جا انڪشاف

اسلام ڪوٽ جي ڀراڙيءَ وارن علائقن ۾ گٽڪي جي سپلاءِ جو چار پڪڙيل هجڻ جي دعويٰ

ٿرپارڪر (ڊ ر محمدرحيم مگريو) چاچرو ۽ ڏاهلي ۾ سفينا ۽ آداب گٽڪي جي مبينا منظم نيٽ ورڪ جا انڪشاف ٿرپارڪر: ڪراچيءَ کان مخصوص/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

مٺي باءِ پاس تي موٽر سائيڪلن سان ٽڪرائجڻ بعد ڪرش سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي تي پيو

ڏيپلو واسي نوجوان انيل ڪمار ولد رميش ڪمار مهراج ٽرالر هيٺان دٻجي فوت ٿي ويو

فوتي نوجوان انيل ڪمار اين اي ڊي ڪيمپس مٺي ۾ ليڪچرار طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو هو

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مگريو) مٺي باءِ پاس تي موٽرسائيڪلن سان ٽڪرائجڻ بعد ڪرش سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي تي پيو، جنهن جي نتيجي ۾ ڏيپل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

سنڌ جي نالي فنڪار اسلم راهي ۽ سنڌ جي نالي شاعر خليل عارف سومرو سان رهاڻ تقريب منعقد

صحافين، فنڪارن سميت شهر جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ سيد حاڪم شاهه آڊيٽوريم هال ۾ دادو آرٽ ڪائونسل پاران سنڌ جي نالي فنڪار اسلم راهي ۽ سنڌ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي نوجوان کان 40 هزار روپيا ڦر، تشدد بعد جوابدار فرار

ٻهليل شاهه جو رهواسي نوجوان ياسين چانڊيو پنهنجي والد محمد بخش چانڊيو کي اسڪول ڇڏي واپس اچي رهيو هو

ڳوٺ ساوڙي روڊ وٽ مبينا طور برهماڻي برادري جي ڪجهه ماڻهن سندس موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش ڪئي

جوهي (رپورٽ رحيم بخش) موٽرسائيڪل ڦرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي نوجوان کان 40 هزار روپيا ڦر، تشدد بعد جوابدار فرار ٻهليل شاهه جو رهواس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

وفيا اطلاع تي ٿاڻي سچل جي پوليس بروقت ڪارروائي

رڪشي ذريعي منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار مدينه ڪالوني ۾ گرفتار

وڏي مقدار ۾ منشيات هٿ پوليس ڪارروائي ڪندي منشيات جي سپلائي ۾ ملوث ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) وفيا اطلاع تي ٿاڻي سچل جي پوليس بروقت ڪارروائي ڪندي رڪشي ذريعي منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ڪي ڊي واهه ۾ ٻڏي ويل ڪراچي واسي نوجوان پوليس اهلڪار جو لاش ٻئي ڏينهن به هٿ نه اچي سگهيو

ڪراچي واسي نوجوان پوليس اهلڪار رومان يوسفزئي جو لاش ٻئي ڏينهن به هٿ نه اچي سگهيو

لاش جي ڳولا لاءِ ڊي سي ٺٽو کان اجازت ملڻ بعد پهتل پاڪستان نيوي جي غوطه خورن پاران سرچ آپريشن جاري

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي، ڪي ڊي واهه ۾ ٻڏي ويل ڪراچي واسي نوجوان پوليس اهلڪار جو لاش ٻئي ڏينهن به هٿ نه اچي سگهيو، نيوي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ڊپٽي ڪمشنر بدين زاره زاهد جو ڊاڪٽر سڪندر علي منڌرو سول اسپتال بدين جو تفصيلي دورو

ڊاڪٽر سڪندر علي ميمڻ ڪيس اسپتال جي مجموعي ڪارڪردگي، طبي سهولتن ۽ مريضن کي فراهم ڪيل مفت طبي خدمتن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني

اسپتال ۾ هر سال تقريباً 6 لک 50 هزار مريضن جو مفت معائنو ۽ علاج ڪيو وڃي ٿو

بدين (رجب راهمون) ڊپٽي ڪمشنر بدين زاره زاهد ڊاڪٽر سڪندر علي منڌرو سول اسپتال بدين (انڊس اسپتال اينڊ هيلٿ نيٽ ورڪ جي انتظام /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

گلشن معمار ٿاڻي جي حد افغان ڪيمپ چوڪي انچارج جي وڏي ڪارروائي

ڪروڙين رپين ماليت جي چرس جي سپلائي ناڪام

افغان ڪيمپ چوڪي انچارج صلابت ۽ ٽيم جي بهادري کي خراج تحسين

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) گلشن معمارٿاڻي جي حدافغان ڪيمپ چوڪي انچارج جي وڏي ڪارروائي، ڪروڙين رپين ماليت جي چرس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

صالح پٽ ماشاالله پمپ لڳ هٿياربندن جي ڦر، موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري فرار

هٿياربندن هٿيارن جي زور تي ٻن ڄڻن کان موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون ڦر ڪري آسانيءَ سان فرار ٿي ويا

گرفتار ڪري ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ علائقي ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي

صالح پٽ: (رپورٽ غلام نبي ميرجت) صالح پٽ ماشاالله پمپ لڳ ڏينهن ڏٺي ڦر جي واردات پيش آئي، جتي ٽن نامعلوم هٿياربندن هٿيارن جي زور ت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

پيپلزپارٽي اڳواڻ عابده قائم خاني جي فرزند جي دعوتِ وليمه

ميئر ڪاشف شورو، ڊپٽي ميئر صغير قريشي، سينيئر نائب صدر اظهر سيال ۽ ٻين جي شرڪت

تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي، صحافتي ۽ ڪاروباري شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت

تقريب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. دعوتِ وليمه جي تقريب جي شروعات تلاوتِ ڪلامِ پاڪ سان ٿي

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي ايڇ ايم سي ميمبر ۽ سينيئر جيالي عابده قائم خاني جي فرزند احمد گل جي دعوتِ وليمه جي پروقار تقريب لطيف آباد جي مقامي هال ۾ نهايت شان و شوڪت سان منعقد ٿي، تقريب ۾ ش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

حيدرآباد، پيپلز پارٽي جي اڳواڻ عابده قائم خاني جي صاحبزادي جي دعوتِ وليمه ۾ ميئر ڪاشف شورو، ڊپٽي ميئر صغير احمد قريشي ۽ ٻين جو گروپ فوٽو

سيوهڻ جي ٿاڻي واري گهٽي مڪمل بند ڪئي پئي وڃي: سڄاڻ ڏريون

هن گهٽي کي بند ڪرڻ سان گرلس ڊگري ڪاليج ۾ پڙهندڙ نياڻين کي تڪليف ضرور ايندي

چوته هيءَ گهٽي ٿاڻي جي پرسان هئڻ ڪري اوباش ڇوڪرن جو هن گهٽي ۾ اچڻ ناممڪن هوندو هئو

شاهي بازار جو جيڪو مين چونڪ آهي، اتي اڳئي گهڻي رش هوندي آهي هن چونڪ کي جهڙوڪ رڪشن وارا ريڙهن وارن سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي

سيوهڻ (رپورٽر) سيوهڻ جي ٿاڻي واري گهٽي مڪمل بند ڪئي پئي وڃي، هن گهٽي کي بند ڪرڻ سان گرلس ڊگري ڪاليج ۾ پڙهندڙ نياڻين کي تڪليف ضرور ايندي چوته هيءَ گهٽي ٿاڻي جي پرسان هئڻ ڪري اوباش ڇوڪرن جو هن گهٽي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

مٺي ۾ مسلم ليگ (ن) جو شاندار جلسو، کيئلداس ڪوهستاني جي شرڪت

جلسي ۾ ٿرپارڪر سميت ميرپورخاص، بدين، ڏگهڙي، ننڍون ڪوٽ، ڪوسڪي ۽ شادي لارج مان ماڻهن شرڪت ڪئي

منتظمين پاران جلسي ۾ شرڪت ڪندڙ سمورن مهمانن، اڳواڻن، ڪارڪنن ۽ شهرين جا ٿورا مڃيا ويا

مٺي/ ٿرپارڪر (رپورٽر) مٺي جي صادق فقير چوڪ تي پاڪستان مسلم ليگ (ن) پاران "هڪ ڌرتي، هڪ سڃاڻپ، منهنجو پيارو پاڪستان" جي ع/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

نوجوان ڪنهن به ملڪ ۽ قوم جو قيمتي سرمايو هوندا آهن: قمرالدين گوپانگ

سنڌ يوٿ ڪارڊ متعارف ڪرائڻ نوجوانن جي تعليم هنر روزگار ۽ معاشي خودمختياريءَ لاءِ هڪ اهم قدم آهي

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري 23 نومبر تي سنڌ يوٿ ڪارڊ جو افتتاح ڪندو

سنڌ يوٿ ڪارڊ سان نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جو اظهار ڪرڻ ۽ معاشي طور پاڻ پيرو ٿيڻ جا نوان موقعا ملندا

قمبر (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي صدر حاجي قمرالدين گوپانگ، جنرل سيڪريٽري لالا غلام محمد اسراڻ، انفارميشن سيڪريٽري نياز احمد چانڊيو، نياز لاکو، ارشاد لاکو، احمد علي ڪلهوڙو ۽ آصف پ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

ميرپورخاص ۾ سائينداد ڪالوني ڊاهڻ لاءِ انتظاميه جي ڪارروائي، رهواسين جو عورتن سميت احتجاج

عمرڪوٽ روڊ تي الشفاءَ اسپتال سامهون قائم رهائشي ڪالوني کي ڊاهڻ دوران رهواسين عورتن سميت احتجاج ڪيو

چاڻايل ڪالوني ديهه 120 ۾ اچي ٿي ۽ رهواسين جا رجسٽرڊ پلاٽ ڪنهن ٻئي هنڌ آهن

جن جي نشاندهي رهواسين پاڻ ڪن. ٻئي طرف رهواسين ۽ سماجي توڙي سياسي اڳواڻن الزام هنيو

ميرپورخاص (بيورو رپورٽ) ميرپورخاص تعلقي حسين بخش مري جي سائينداد ڪالوني ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر احمر آفتاب جي نگراني هيٺ عدالتي حڪم تي ڪالوني ڊاهڻ لاءِ پوليس ۽ مشينري سان گڏ ڪارروائي ڪئي وئي. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ميرپورخاص ۾ سائينداد ڪالوني ڊاهڻ لاءِ انتظاميه جي ڪارروائي، رهواسين جو عورتن سميت احتجاج ڪندي

ڪراچي: نابين ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي نوڪري نه ملي، توهين عدالت جي درخواست داخل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪي ڊي اي پاران اکين جي روشني کان محروم ڀاءُ ۽ ڀيڻ کي نو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

چڪرا ڳوٺ ڪيس جي ٻڌڻي، جوابدار جي لاڏاڻي سبب ڪارروائي ملتوي

ڪراچي (رپورٽر) سينٽرل جيل ڪراچي ۾ موجود دهشتگردي ڪورٽ ۾ چڪرا ڳوٺ ڪيس جي ٻڌڻ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

گرلز ڪاليج جي شاگردياڻين سميت شاهي بازار ڏانهن ويندڙ شهرين جي غير معمولي لنگهه جو رستو آهي: آصف علي شاهه

شهرين جي غير معمولي لنگهه جو رستو آهي، تنهنڪري عام گهٽي بند نه ٿيڻ گهرجي

ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق چانگا پاران شهرين جي عام لنگهه کي بند ڪرڻ جي يقين ڏيارڻي گهٽي جو دورو ڪرڻ جي خاطري ڪرائي وئي

پ پ ضلعي ڄامشورو جي صدر سيد آصف علي شاهه جو ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق چانگا سان رابطو

ڄامشورو (رپورٽر) سيوهڻ پوليس اسٽيشن وٽان گذرندڙ عام گهٽي بند ڪرڻ واري معاملي تي پ پ پ ضلعي ڄامشورو جي صدر سيد آصف علي شاهه جو ايس ايس پي ڄامشورو محمد ظفر صديق چانگا سان رابطو سيد آصف علي شاهه چيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ڪوٽ غلام محمد پوليس جي ڪارروائي، گٽڪو ماوا وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ عورت گرفتار، 1060 پڙيون هٿ

گٽڪو ماوا وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ هڪ عورت کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1060 پڙيون هٿ ڪري ورتيون

16 نومبر 2026ع تي ٿاڻي ڪوٽ غلام محمد ۾ ڪيس نمبر 178/2026 قلم 4 ۽ 8 گٽڪو ماوا ايڪٽ 2019ع تحت ڪارروائي

جوابدار عورت سويتا زال مهيش، قوم ڪلال، رهواسڻ تعلقو ڪوٽ غلام محمد کي گرفتار ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد پوليس ممنوعه شين جي خريد ۽ وڪري خلاف ڪارروائي ڪندي گٽڪو ماوا وڪرو ڪرڻ جي الزام ۾ هڪ عورت کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 1060 پڙيون هٿ ڪري ورتيون پوليس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڪوٽ غلام محمد پوليس جي ڪارروائي ۾ گرفتار ٿيل جوابدارن جو ڏيک

پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد جو ڪراچي ڊويزن جو تنظيمي اجلاس

مليرا (رپورٽر) پاڪستان خاصخيلي راجوٽي اتحاد جو ڪراچي ڊويزن جو تنظيمي اجلاس عثم/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

قمبر لڳ ويگو گاڏي جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر، ٻه نوجوان فوت

قمبر (رپورٽر) قمبر_شهدادڪوٽ روڊ تي گولو واهه وٽ تيزرفتار ويگو گاڏي جو موٽرسائيڪل کي ٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

شهيد غلام شبير ساند جي قتل کي چار مهينا مڪمل ٿيڻ وارا

پوليس جي خاموشي سبب الخادم فائونڊيشن ڇئن مهينن کان بند. انصاف لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج

ناحق ۽ بي رحماڻي قتل کي چار مهينا مڪمل ٿيڻ وارا آهن، پر افسوس جو هن وقت تائين شهيد جو فرار ٿيل قاتل گرفتار نه ٿي سگهيو آهي

ڄامشورو (رپورٽر) شهيد غلام شبير ساند جي قتل کي چار مهينا مڪمل ٿيڻ وارا، پوليس جي خاموشي سبب الخادم فائونڊيشن ڇئن مهينن کان بند. انصاف لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي ڌرين جو احتجاج قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ معذورن جي تعليمي ۽ فلاحي اداري الخادم فائونڊيشن جي باني شهيد غلام شبير ساند جي ناحق ۽ بي رحماڻي قتل کي چار مهينا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

مير مدد ڪالوني جو رهواسي پنهنجي نافرمان اولاد خلاف داڻهن کڻي صحافين وٽ پهچي ويو

مون 20 سال اڳ شادي ڪئي جنهن مان مونکي هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي

منهنجي گهرواري مونکي ڇهرين ڇڏي وئي بي شادي ڪئي هاڻ وري منهنجي اولاد ٻين جي چرچ ۾ اچي منهنجي ڄوڻ ۾ نه آهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار جي مير مدد ڪالوني جو رهواسي پنهنجي نافرمان اولاد خلاف داڻهن کڻي صحافين وٽ پهچي ويو. مير مدد ڪالوني جي رهواسي محمد سليم قمبراڻي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مون 20 سال اڳ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32